روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) سومر 12 جون 2023ع بمطابق 22 ذوالقعد 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 18

ڪشمير مسئلي کي گڏيل قومن جي قرار دادن موجب حل ڪيو وڃي: وزيراعظم

رجب طيب اردوان عظيم اڳواڻ آهي، ترڪيه جي عوام ان تي تمام گهڻو ڀروسو ڪيو، صدر رجب طيب اردوان کي هڪ دفعو ٻيهر زبردستي ڪاميابي تي مبارڪباد ڏيان ٿو: شهباز شريف

صدر اردوان سان تمام گهڻو ويجهو ٿي ملي ڪم ڪرڻ جي اوسيئڙي ۾ آهيان. پائراڻن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ چاهيون ٿا

واپار، سرمائيڪاري، گڏيل رابطن ۾ واڌ تي اتفاق ٿيو آهي، ايندڙ 3 سالن دوران گڏيل واپار کي 5 ارب ڊالرن تائين وڌائڻ جي ڪوشش ڪنداسين. ترڪيه هميشه پاڪستان جو ساٿ ڏنو آهي

ٻنهي ملڪن جي حڪومت ۽ عوام هميشه مشڪل وقت ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪئي. ترڪ سرمائيڪار شمسي توانائي جي شعبي ۾ سرمائيڪاري ڪن

ترڪي جي ٽيڪنالوجي ۽ پاڪستان جي گڏيل طاقت ٻنهي ملڪن لاءِ بهتر ثابت ٿي سگهن ٿيون، پاڪستان ۾ گذريل سال ٻوڏ سبب 3 ڪروڙ 30 لک ماڻهو بي گهر ٿيا

تعميراتي ڍانچي کي وڏي پيماني تي نقصان پهتو، ٻوڏ سبب 30 ارب ڊالرن جو معاشي نقصان ٿيو، ترڪيه ڪشمير ڪاز جي هميشه غير مشروط حمايت ڪئي آهي

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته رجب طيب اردوان عظيم اڳواڻ آهي، ترڪيه جي عوام ان تي تمام گهڻو ڀروسو ڪيو صدر رجب طيب اردوان کي هڪ دفعو ٻيهر زبردستي ڪاميابي تي مباڪباد ڏيان ٿو پرڏيهي ميڊيا کي انٽرويو ڏيندي وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته صدر اردوان سان تمام گهڻو ويجهو ٿي ملي ڪم ڪرڻ جي اوسيئڙي ۾ آهيان. پائراڻن لاڳاپن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

بجيٽ ۾ تعليم، صحت، امن لاءِ وڌيڪ رقم رکي وئي آهي: مراد علي شاهه

اهو سال جڏهن شروع ٿيندو ته حالتون بهتر ٿي وينديون. اسان ساليانو ترقياتي پلان جوڙيو هو. فوري طور تي روڊن جي مرمت لاءِ فنڊز جاري ڪيا ويندا

سامونڊي طوفان اڃا جو خطرو آهي. چيو پيو وڃي ته ڪراچي ۾ برساتون پونديون. جڏهن طوفان ڪناري تي پهچندو ته هوائن جي رفتار 89 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ تائين هوندي

پاڪ فوج سان به ڳالهيون ڪيون آهن ته ٺٽي سميت ٻين لاڳاپيل علائقن مان ماڻهن کي ڪڍڻو پئجي سگهي ٿو، ماڻهن لاءِ رهائش جو بندوبست ڪيو آهي

ڪراچي جي ڪمشنر ضروري قدمن جو چيو آهي، هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪ فوج سان مڪمل رابطي ۾ آهيون

ماڻهو غيرضروري گهرن کان ٻاهر نه نڪرن. اسان ٻوڏ جي معاملي تي ٻاهرين ذريعن کان 2 ارب ڊالر حاصل ڪيا، ايتري وڏي رقم جو 4 مهينن ۾ انتظام ڏکيو ڪم آهي

ڪراچي (م ر د) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته هن سال جو رڪارڊ 2.25 ٽريلين جو بجيٽ آهي جنهن ۾ تعليم، صحت امن امان لاءِ وڌيڪ رقم رکي وئي آهي، پوسٽ بجيٽ پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته بجيٽ پيش ڪرڻ وقت رڳيون نه ڪرڻيون پيون، ترقياتي اسڪيمن لاءِ اسان لون ورتو آهي، اهو سال جڏهن شروع ٿيندو ته حالتون بهتر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه پوسٽ بجيٽ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ تيز برساتون: ڇتون ۽ پيتون ڪرڻ سبب 29 ڄڻا فوت، 200 کان وڌيڪ زخمي

سيني کان وڌيڪ تباهي بنون ۾ ٿي جتي وڏا وڻ ۽ پيتون ڪرڻ سبب 12 ڄڻا فوت جڏهن ته ٻارن سميت ڪيترائي زخمي ٿي پيا

لڪي مروت ۾ ديجاريندڙ منظر نظر آيا اتي به مختلف حادثن ۾ 5 ڄڻا فوت ٿي ويا. ڪرڪ ۾ چار ڄڻا فوت ٿي ويا

پنجاب ۾ تيز برسات دوران حافظ آباد ۾ پٽ ڪرڻ سبب هڪ ڄڻو فوت جڏهن ته پوريٽل ۾ پٽ ڪرڻ سبب 3 ٻارڙيون فوت ٿي ويون

لاهور (م ر د) پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جي مختلف شهرن ۾ تيز طوفان ۽ برسات سبب ... فوت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

لاهور: پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جي مختلف شهرن ۾ تيز طوفان ۽ برسات سبب ٿيل تباهي جو ڏيک

سعودي عرب پاران هڪ هزار فلسطينين کي حج جي دعوت

رياض (م ر د) سعودي عرب جي شاهه سلمان بن عبدالعزيز طرفان 1 هزار فلسطينين لاءِ حج جي سهولت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ميران شاهه ۾ دهشتگردن جي فائرنگ، پاڪ فوج جا 3 جوان شهيد، 3 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ مقابلو 10 جون رات دير سان ٿيو

شهيد ٿي ويلن ۾ صوبيدار اصغر علي، سپاهي نسيم خان ۽ سپاهي محمد زمان شامل

پاڪ فوج جي شهيد جوانن دهشتگردن جو جرئت ۽ بهادري سان مقابلو ڪيو: آءِ ايس پي آر

پشاور (م ر د) اتر وزيرستان جي علائقي ميرانشاهه ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٽ دوران 3 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته 4 زخمي ٿي پيا، آءِ ايس پي آر موجب سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ مقابلو 10 جون رات دير سان ٿيو فائرنگ جي ڏي وٺ دوران پاڪ فوج جا 3 جوان به شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر جيو آهي ته مارجي ويل دهشتگردن کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پشاور: دهشتگردن سان وڙهندي جام شهادت نوش ڪندڙ شهيد ٿي ويلن ۾ صوبيدار اصغر علي، سپاهي نسيم خان ۽ سپاهي محمد زمان (فائيل فوٽو)

سياستدانن سان ڳالهيون سياستدان ۽ جمهوري شخص ڪندو آهي: مريم اورنگزيب

هڪ ماڻهو جي دماغ ۾ نه آئين جي گنجائش آهي، نه قانون جي، صرف تڪبر، انا، ضد ۽ مڪاري ڀريل آهي

9 مئي تي فوجي تنصيبات، شهيدن جي يادگارن تي حملا به ان لاءِ ڪرايا ويا ڇو ته هو هن جي ٻڌي نه رهيا هئا.؟

سياستدانن سان ڳالهيون سياستدان ۽ جمهوري شخص ڪندو آهي، اصل ۾ هن کي ڳولا کلهي ۽ ٻيساکهي جي سهاري جي آهي

اسلام آباد (م ر د) سنڌ سماء واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي تنقيد جو نشانو بنائيندي چيو آهي ته سياستدانن سان ڳالهيون سياستدان ۽ جمهوري شخص ڪندو آهي، هڪ ماڻهو جي دماغ ۾ نه آئين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

جي يو آءِ 4 سال احتجاج ڪري عمران پراجيڪٽ کي پوري ڇڏيو: مولانا فضل الرحمان

حڪمران اتحاد مالي ڏکيائين باوجود بجيٽ ۾ عوام کي گهڻو رليف ڏيڻ لاءِ قدمن جو اعلان ڪيو آهي

جميعت علماءِ اسلام ايندڙ چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺندي

پي ڊي ايم جماعتن سان سيٽ ايڊجسٽمينٽ ڪري سگهجي ٿي

اسلام آباد (م ر د) جميعت علماء اسلام (جي يو آءِ) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته حڪمران اتحاد مالي ڏکيائين باوجود بجيٽ ۾ عوام کي گهڻو رليف ڏيڻ لاءِ قدمن جو اعلان ڪيو آهي، پنهنجي هڪ بيان ۾ چيئرمين پي ٽي آءِ کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

جميعت علماء اسلام سربراهه مولانا فضل الرحمان

اسان جي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا آهن: مرتضيٰ وهاب

جماعت اسلامي اعتراض داخل ڪيا پر اليڪشن ڪميشن ان کي رد ڪري ڇڏيو

جماعت اسلامي کي پيپلزپارٽي جو مينڊيٽ قبول ڪرڻ گهرجي، اسان اڄ به ڪراچي لاءِ بغير ڪنهن پوزيشن جي ڪم ڪري رهيا آهيون

طوفان جي حوالي سان به قدم کنيا پيا وڃن، جيڪو به ڪراچي جو ميئر بڻجي اهو اختيارين تي نه روئي رڳو ڪم ڪري

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي جي ميئر جي اميدوار مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته اسان جي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جا نامزدگي ڪاغذ منظور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: پيپلزپارٽي ڪراچي جي ميئر جو اميدوار مرتضيٰ وهاب ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ملڪ ۾ 10 ڪروڙ عوام غريب جي لڪير کان هيٺ اچي چڪو آهي: حفيظ پاشا

اسلام آباد (م ر د) نائي واري اڳوڻي وزير حفيظ پاشا چيو آهي ته ملڪ ۾ 10 ڪروڙ عوام غريب جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويزالاهي جي جيل ۾ طبيعت خراب، اسپتال منتقل

آءِ سي اسپتال ۾ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير جو ڊاڪٽرن طبي معائنو ڪيو

چوڌري پرويز الاهي کي جي پي آءِ سي ٽيسٽ ڪرائڻ کان پوءِ ٻيهر جيل منتقل ڪيو ويو

لاهور (م ر د) پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويزالاهي جي جيل ۾ طبيعت خراب ٿي وئي آهي، رپورٽ موجب پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويزالاهي جي جيل ۾ طبيعت اوچتو خراب ٿي وئي کيس دل ۾ تڪليف سبب اسپتال منتقل ڪيو ويو پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي ۾ نامعلوم جوابدارن جي فائرنگ، 2 پوليس اهلڪار شهيد

هيڊ ڪانسٽيبل رحمت الله ۽ عبدالحڪيم ڦورن جي موجودگي جي اطلاع تي سهراب ڳوٺ انڊس پلازه ويجهو پهتا

ڦورن انڌاڌند فائرنگ ڪري ڏني جنهن سبب ٻئي اهلڪار موقعي تي شهيد ٿي ويا

ڪراچي (م ر د) ڪراچي جي علائقي سهراب ڳوٺ انڊس پلازه ويجهو نامعلوم جوابدارن جي فائرنگ سبب 2 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ساموندي طوفان بائپرجواءِ ڪراچي سمنڊ جي ويجهو پهچي ويو، موسميات کاتي طرفان الرٽ جاري

موسميات کاتي شهر ۾ تيز هوائن، طوفان ۽ ڪنوڻ سان برسات جا امڪان ظاهر ڪري ڇڏيا

وچ اوڀر ۽ عرب سمنڊ ۾ ساموندي طوفان وڌيڪ شدت اختيار ڪري ويو آهي: موسميات کاتو

انتهائي شديد نوعيت ۾ تبديل ٿيندڙ طوفان جو رخ گذريل 12 ڪلاڪن دوران لاڳيتو اتر طرف وڌي رهيو آهي

ڪراچي (م ر د) عرب سمنڊ مان ايندڙ ساموندي طوفان بائپرجواءِ ڪراچي جي ويجهو پهچي ويو آهي جڏهن ته موسميات کاتي شهر ۾ تيز هوائن، طوفان ۽ ڪنوڻ سان برسات جا امڪان ظاهر ڪري ڇڏيا آهن. ڪراچي پورٽ تي ٻيو الرٽ پڻ جاري ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

جماعت اسلامي جي مينڊيٽ تي راتاهو هڻڻ نه ڏينداسين: حافظ نعيم الرحمان

بلاول ڀٽو جي فاشسٽ پارٽي کي ڪراچي تي قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين

جنهن جي اڪثريت آهي ان کي تسليم ڪيو وڃي ان سان صوبي ۽ ملڪ جي ڀلائي آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته جماعت اسلامي جي مينڊيٽ تي راتاهو هڻڻ نه ڏينداسين پيپلزپارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13


ڪراچي: جماعت اسلامي جو امير حافظ نعيم الرحمان ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڀيڻ ۽ ڀيڻوئي تي ڪيس داخل، 6 ارب جي زمين 13 ڪروڙ ۾ خريد ڪرڻ جو الزام

ڊاڪٽر عظميٰ خان خلاف ضلعي ليه ۾ 5261 ڪنال زمين غيرقانوني طور تي خريد ڪرڻ جو الزام آهي

زمين فراڊ ۽ جعلسازي ذريعي 22_2021ع ۾ خريد ڪئي وئي، ڊاڪٽر عظميٰ خان مڙس احد مجيد سان ملي جعلسازي ذريعي زمين منتقل ڪئي: ترجمان

غيرقانوني طريقي سان خريد ڪيل زمين ڊاڪٽر عظميٰ پنهنجي ۽ پنهنجي مڙس احد جي نالي ڪئي

لاهور (م ر د) پي ٽي آءِ چيئرمين جي فيملي جو هڪ ٻيو ميگا ڪرپشن اسڪينڊل بي نقاب ٿي ويو آهي، اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي ڀيڻ ۽ ڀيڻوئي خلاف اربين روپين جي زمين فراڊ ذريعي خريد ڪرڻ تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي اينٽي ڪرپشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن ايڪٽ سان اوڳاڙين کي بهتر ڪيو ويندو: ايم ڊي واٽر بورڊ

ايڪٽ لاڳو ٿيڻ سان ئي ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ويندو ته واٽر بورڊ جي وصولي کي بهتر ڪيو وڃي: سيد صلاح الدين احمد

ادائيگيون نه ڪندڙن جي مڪمل فهرست ۽ انهن کان وصولي ڪرڻ جو طريقيڪار تيار ڪيو ويو آهي

ٽائون سطح تي آئوٽ سورسنگ ڪنٽرول ذريعي سهولتن کي بهتر بڻايو پيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڊي ۽ سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد چيو آهي ته ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن ايڪٽ جو هن اداري کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار آهي، ايڪٽ لاڳو ٿيڻ سان ئي ان ڳالهه کي يقيني بڻايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: ايم ڊي ۽ سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد تقريب ۾ ويٺل آهي

گهوٽڪي: گرين لائين ايڪسپريس جي انجڻ پٽڙي تان لهي وئي، آپريشن مڪمل

گرين لائين جو انجڻ لهي وڃڻ ڪري فريد ايڪسپريس کي گهوٽڪي ۽ خيبر ميل ايڪسپريس کي پنوعاقل تي روڪڻ بعد منزل طرف روانو ڪيو ويو

ڪراچي ويندڙ فريد ايڪسپريس کي منزل طرف روانو ڪيو ويو آهي ٽرين جي انجڻ پٽڙي تان لهڻ سبب ڪنهن به قسم جو جاني نقصان نه ٿيو آهي: پاڪستان ريلويز

لاهور کان ڪراچي ويندڙ گرين لائين ايڪسپريس جو ريسڪيو آپريشن مڪمل ڪيو ويو آهي

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي ويجهو ڪراچي کان راولپنڊي ويندڙ گرين لائين ايڪسپريس جي انجڻ پٽڙي تان لهي وئي. ڪو به جاني نقصان نه ٿيو گرين لائين جو انجڻ لهڻ سبب ريلوي جي ٽريفڪ معطل ٿي وئي ٻن ڪلاڪن کان گرين لائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

گهوٽڪي: گرين لائين ايڪسپريس جي انجڻ پٽڙي تان لٿل نظر اچي رهي آهي

پينو فقيرياڻي وٽان ڪروڙين رپيا هٿ

قاهره (م ر د) مصر ۾ هڪ پينو فقيرياڻي جي موت بعد انڪشاف ٿيو آهي ته هو وڏي دولت مند هئي جيڪا هن لڪائي رکي هئي. عليعبدالجليل نالي پينو فقيرياڻي وٽ 10 لک پائونڊس هئا ۽ هو ڦٽا ڪورنري جي گهٽين ۽ بازارن ۾ ماڻهن کان پني گذارو ڪندي هئي. رپورٽن موجب ڪجهه ڏينهن اڳ اها عورت پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

فيصل آباد ۾ ملڪيت جي لالچ ۾ پٽن فائرنگ ڪري پيءُ کي قتل ڪري ڇڏيو

مقتول ڪرامت علي پنهنجي دڪانن جو ڀاڙو وصول ڪرڻ پهتو

مقتول پنهنجي ٻنهي پٽن مدثر ۽ اسد کي زمين ڏئي ڇڏي هئي

فيصل آباد (م ر د) فيصل آباد ۾ ملڪيت جي لالچ ۾ پٽن فائرنگ ڪري پيءُ کي قتل ڪري ڇڏيو پوليس موجب مدينا ٽائون جي علائقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

قاضي احمد: سيف هائوس حوالي ڪيل ٽينگري سوهانا شرما جي امڙ هنجون هاريندي ڌيءُ واپس ڪرڻ جي گهر ڪري ڇڏي

قاضي احمد (رپورٽر) قاضي احمد مان 07 ڏينهن اڳ مبينا طور اغوا ٿيڻ کان بازيابي بعد عدالتي حڪم تي سيف هائوس نواب شاهه حوالي ڪيل هندو ٽينگري سوهانا شرما جي گهر ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانيل آهي. مبينا اغوا بعد عدالتي حڪم تي سيف هائوس نوابشاهه حوالي ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

موسمي صورتحال تي حڪومت جي مڪمل نظر آهي: شرجيل انعام ميمڻ

مهاڻن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو اونهي سمنڊ ۾ نه وڃن

ساحلي علائقن جي ضلعن جي انتظاميه مڪمل الرٽ آهي

سنڌ سماء وارو وزير شرجيل انعام ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سنڌ سماء واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت ساموندي علائقن جي موسمي صورتحال کان پوري طرح باخبر آهي. شرجيل انعام ميمڻ پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته مهاڻن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو اونهي سمنڊ ۾ نه وڃن. هن چيو ته ساحلي علائقن جي ضلعن جي انتظاميه مڪمل الرٽ آهي. سنڌ جي اطلاعات واري وزير اهو به ٻڌايو آهي ته سنڌ جي وڏي وزير سرڪاري ملازمن کي ضلعن کان ٻاهر نه وڃڻ جي هدايت ڪئي آهي.

آءِ ايم ايف جون سموريون شرطون پوريون ٿي ويون، دير سمجهه کان ٻاهر آهي: احسن اقبال

اسان اهو بجيٽ سڄي سال لاءِ بنائي آهي، اليڪشن کان پوءِ ٺهندڙ حڪومت بجيٽ ۾ ردوبدل به ڪري سگهي ٿي

پاڪستان آءِ ايم ايف جون سموريون شرطون پوريون ڪري چڪو آهي

اسلام آباد (م ر د) منصوبابندي بابت وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته پاڪستان آءِ ايم ايف جون سموريون شرطون پوريون ڪري چڪو آهي، هاڻ نائين جائزي ۾ دير جو سبب سمجهه کان ٻاهر آهي، خانگي ٽي وي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ماتلي ويجهو نوجوان زال ۽ سهري کي قتل ڪرڻ بعد پاڻ به آپگهات ڪري ڇڏيو

اعظم چانديو سهري جي گهر ۾ داخل ٿي گهرواري ثمرين ۽ سنڌس سهري تاج محمد چانديو کي گولين هڻي قتل ڪيو

پوليس ٽنهي جا لاش ڦلڪارا تعلقه اسپتال ماتلي کڻائي آئي جتي سندن پوسٽ مارٽم ڪيو ويو

اعظم چانديو جو سهرو تاج محمد اعظم کي پنهنجي گهرواري ثمرين سان ملڻ نه ڏيندو هو: ڳوٺاڻا

ماتلي (رپورٽر) ماتلي ويجهو ڦلڪارا شهر ۾ نائي پنهنجي سهري ۽ گهرواري کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪرڻ بعد پاڻ به فائر ڪري زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو تفصيل موجب ماتلي ويجهو ڦلڪارا شهر ۾ اعظم چانديو پنهنجي سهري جي گهر ۾ داخل ٿي پنهنجي گهرواري ثمرين چانديو ۽ سنڌس سهري تاج محمد چانديو کي گولين هڻي قتل ڪري پاڻ مٿان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

روسي تيل جو ڀريون جهاز ڪراچي پهچي ويو

ڪچو تيل کڻي روسي جهاز "پيور پوائنٽ" ڪراچي بندرگاهه تي پهچي ويو

183 ميٽر ڊگهي روسي جهاز ۾ 45 هزار ميٽرڪ ٽن تيل آهي

ڪراچي (م ر د) پاڪستان تاريخ لکي ڇڏي ۽ ڀريون روسي ڪچي تيل جو جهاز ڪراچي پهچي ويو شپنگ ذريعن موجب ڪچو تيل کڻي روسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پي ٽي آءِ تي پابندي جي حق ۾ نه آهيون: جاويد لطيف

اسان ڪنهن به سياسي پارٽي، ڪنهن سياسي اڳواڻ تي پابندي لڳائڻ جي حق ۾ ناهيون

مون کي خدشا آهن ته چونڊون وقت تي ٿيڻ گهرجن، اسان جو مطالبو آهي ته چونڊن لاءِ سڀني کي برابري واري جڳهه ڏني وڃي

جيڪڏهن پاڪستان کي مستحڪم ڪرڻو آهي ته قوم کي مڪمل سچ ٻڌائڻو پوندو، هن وقت قوم کي متحد ٿيڻ جي ضرورت آهي

وفاقي وزير جاويد لطيف (فائيل فوٽو)

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي وزير جاويد لطيف جو چوڻ آهي ته 9 ۽ 10 مئي جي واقعن ۾ جنهن جو به ڪردار آهي ان کي سزا ملڻ گهرجي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

چين عرب ملڪن جو سڀ کان وڏو واپاري پائيوار آهي: سعودي عرب

صنعتڪاري، سائنس، مواصلات ۽ گرين ٽيڪنالوجي کي وڌ کان وڌ هٿي ڏينداسين

ٻن ڏينهن جي ڪانفرنس ۾ 40 ارب ڊالرن کان وڌيڪ معاهدن تي صحيحون ٿيڻ جو امڪان آهي

رياض (م ر د) سعودي جي پرڏيهي وزير شهزادي فيصل بن فرحان چيو آهي ته عرب ملڪن جو سڀ کان وڏو واپاري پائيوار آهي، سعودي عرب جي راڄڌاني رياض ۾ سڀ کان وڏي چيني ڪانفرنس جي شروعات ٿي وئي، ڪانفرنس کي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪشمور مان 2 ڊرائيور اغوا، پوليس مبينا مقابلي بعد ٻن مغوين کي بازياب ڪرائي ورتو

ملڪ لاڙو پرسان انڊس هاءِ وي تي هٿياربندن جي مزدا مٿان فائرنگ ٻن ڊرائيورن کي اغوا ڪري کڻي ويا

اطلاع بعد ڪشمور پوليس وڏي نفري ساڻ ڪري ڌوهارين جو پيڇو ڪيو ويو

پوليس طرفان ڌوهارين جو گهيرو تنگ ڪرڻ کان پوءِ ڌوهاري ٻنهي مغوين کي ڇڏي فرار ٿي ويا

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور ٿاڻي جي حد ملڪ لاڙو پرسان انڊس هاءِ وي تي هٿياربندن جي مزدا مٿان فائرنگ ٻن ڊرائيورن کي اغوا ڪري کڻي ويا. اهڙي اطلاع بعد ڪشمور پوليس وڏي نفري ساڻ ڪري ڌوهارين جو پيڇو ڪيو ويو ڊي ايس پي محمد صادق اوڍو ۽ ايس ايڇ او پوليس نفري ساڻ ڪري واقعي واري هنڌ پهتا ته لنڊو ٿاڻي جي حد وٽ ڌوهارين سان سخت مقابلو ٿي پيو جنهن کان پوءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪشمور: پوليس پاران مقابلي بعد بازيابي ڪرايل مغوي بيٺل آهن

غوثپور: ڪرمپور گرڊ اسٽيشن تان اغوا ٿيل سيپڪو ملازمن سميت چار مغوي بازياب

غوثپور (رپورٽر) ڪرمپور گرڊ اسٽيشن تان اغوا ٿيل سيپڪو ملازم سميت چئن مغوين کي پوليس بازياب ڪرائي ورتو سيپڪو ملازمن جميل احمد ٻرڙو ۽ آصف آرائين سميت چئن مغوين جي بازيابي بابت ايس ايس پي شڪارپور مبينا مقابلي بعد ڪچي مان بازياب ڪرائڻ جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. سيپڪو ملازم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪدڙن فقيرن پاران پوليس خلاف ڌرڻي جو اعلان

ڪدڙن فقيرن جي قتل ۽ انهن تي تشدد جي واقعن ۾ لاڳيتو واڌ ٿي رهي آهي: فرزانا رياض

پوليس ڪدڙن فقيرن تي تشدد ڪندڙن سان مليل آهي

پشاور (م ر د) پشاور ۾ ڪدڙن فقيرن پوليس خلاف سپاٽي ڌرڻي جو اعلان ڪري ڇڏيو چيئرمين ٽرانس ايڪشن الائنس فرزانا رياض هڪ وڊيو بيان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ساموندي طوفان: ڪمشنر ڪراچي پاران بل بورڊ ۽ سائن بورڊ هٽائڻ جو حڪم

طوفان بائپرجواءِ جي اثر سبب ڪراچي ۾ گرمي جي شدت ۾ اضافي جو امڪان آهي: چيف ميٽرولاجسٽ سردار سرفراز

طوفان بائپرجواءِ ڪراچي جي ڏکڻ کان 760 ڪلوميٽر پري آهي

ڪراچي (م ر د) ساموندي طوفان جي خطري سبب ڪمشنر ڪراچي پاران شهر ما بل بورڊ ۽ سائن بورڊ سميت اشتهاري مواد هٽائڻ جو حڪم ڏنو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ماڻهو تفريح لاءِ سمنڊ تي وڃڻ کان پاسو ڪن: اين ڊي ايم اي

ساموندي طوفان بپرجوئي 140 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان پاڪستان جي ساحلي پٽي ڏانهن وڌي رهيو آهي

بائيپرجوئي ڪراچي جي ڏکڻ ۾ موجود آهي، جيڪو ايندڙ 24 ڪلاڪن ۾ شدت اختيار ڪري سگهي ٿو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) سڀني ادارن کي هدايت ڪئي آهي ته اهي ساموندي طوفان بپرجوئي کي نظر ۾ رکندي الرٽ رهن ۽ عوام کي اپيل ڪئي آهي ته هو ساموندي ڪناري تي وڃڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

نواب شاهه ۾ دي سٽي اسڪول ۾ شاگردن جي وارثن جي اعزاز ۾ تقريب منعقد، ساڃاهه وند شريڪ

معصوم گلن جهڙن ٻارڙن جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ انهن جي والدين سان گڏ تقريب منعقد ڪئي وئي

تقريب ۾ مهمان خاص ڊي آئي جي پوليس شهيد بينظير آباد محمد يونس چانڊيو شرڪت ڪئي

دي سٽي اسڪول ڪيمپس جي پرنسپل ظفر الله چانڊيو سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ اعزازي شيلڊ ڏني

نواب شاهه (اي ڪي ڏاهري) تعليم جي ميدان ۾ ٻارڙن ميڙائڻ لاءِ معصوم گلن جهڙن ٻارڙن جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ انهن جي والدين سان گڏ اسٽيج تي گهرائي انهن جي سالانه ڪارڪردگي رپورٽ ۽ شيلڊون ڏيڻ واري شاندار تقريب هر سال جيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوابشاهه: ننڍي اسڪول ۾ ٻارڙا ٽيبلوز پيش ڪري رهيا آهن

تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ عثمان خان جمالي جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

نوابشاهه (رپورٽر) تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ عثمان خان جمالي جي رهواسي پيرسن عورت مسمات تبيت بيواهه محمد حسن جمالي پنهنجي پٽ اعجاز علي، زخمي معذور ڌي بلقيس نڪي ڀاءُ احمد نواز جمالي جي ظلمن خلاف نوابشاهه پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪندي ڏاتهيون آهي ته منهنجي والد شادي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوان جتوئي ڳوٺ نبن جروار ۾ ڏکي چوري مامري تان جهيڙي جي نبيري لاءِ قافلو پهتو

نئونديرو کان ميڙ منٿ قافلو آصف علي جروار حافظ جميل احمد جي اڳواڻي ۾ پهتو

عابد علي جروار وسيم جروار سائين غلام جروار اي ايس آءِ مظفر علي جروار ۽ ٻيا اڳواڻ شامل

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺو) نوان جتوئي ڳوٺ نبن جروار ۾ 8 مهينن کان ڏکي چوري مامري تان هلندڙ جروار برادري جي ٻين ڌرين ۾ ناهه لاءِ جروار نيوز جروار سوشل ويلفيئر تنظيم پاران اڄ نئونديرو کان ميڙ منٿ قافلو آصف علي جروار حافظ جميل احمد جروار استاد طالب حسين جروار سائين زاهد حسين جروار جي اڳواڻي ۾ نوان جتوئي روانو ٿي ويو ميڙ ۾ شامل حاجي عابد علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

وارهه ۾ رزعي پاڻي نه پهچي سگهيو، پاڻي جا تلاءُ به سڪي ويا مال متاع اڃ مرڻ لڳو

هن وقت تائين شاخن جي ڪاٽي به نه ٿي سگهي نه وري ٻوڏ دوران لڳل ڪٽ بند ٿي سگهيا

وفاقي حڪومت توڙي سنڌ حڪومت طرفان ٻوڏ متاثرين ماڻهن کي ڪو رليف نه ڏنو ويو

محمد پنهل، سماجي ورڪر انسانيت سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن باني نياز حيدري احتجاج ڪيو

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ رزعي پاڻي نه پهچي سگهيو پاڻي جا تلاءُ به سڪي ويا مال متاع اڃ مرڻ لڳو انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل هن وقت تائين شاخن جي ڪاٽي به نه ٿي سگهي نه وري ٻوڏ دوران لڳل ڪٽ بند ٿي سگهيا شاخن جي ٽري سان واري اڏامڻ لڳي هاري آبادگار توڙي سانجاهه وندن ۾ مايوسي ڇانئجي وئي علائقي ۾ ڏڪار واري صورتحال وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

وارهه: پاڻي ڪوٽ سبب زمين بنجر بڻيل آهي

پرياسٽي جي هائر سيڪنڊري اسڪول ۾ پ ٽ الف پاران استادن جي مان ۾ آجياڻو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياسٽي جي هائر سيڪنڊري اسڪول ۾ پ ٽ الف پاران تازو رٽائرڊ ٿيل استادن ۽ ترقي ماڻيندڙ استادن جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو ضلعي صدر پير مظفر قريشي خطاب ڪندي چيو ته استاد جي معاشري ۾ تمام گهڻي اهميت آهي رٽائرڊ ٿيندڙ استادن بشير وسطڙو، غلام رسول ڪلهوڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

مڪلي باءِ پاس تي ڪاٽ سان ٽريل ٽرڪ ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر، 2 ڄڻا فوت

فوتين جا لاش سول اسپتال مڪلي منتقل، ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا

ٽنڊوالهيار واسي ٽرڪ ڊرائيور هدايت الله کوسو ۽ گهارو واسي موٽر سائيڪل عارف عباسي فوت

ٽرڪ توڙي موٽر سائيڪل کي ڪافي نقصان پهتو آهي، ٽرڪ کي مشينن ذريعي ڪاهي مان ڪڍيو ويو

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽو ۽ مڪلي بائي پاس روڊ هن وقت هڪ خوني روڊ بڻجي چڪو آهي جتي ايڪسيڊنٽس روز جو معمول بڻجي چڪا آهن ٺٽي جي هن اهم شاهراهه جتان سموري ملڪ مان ايندڙ ننڍي وڏي ٽريفڪ جي اچ وڃ رهي ٿي پر هن اهم شاهراهه تي نه ضلعي انتظاميا ۽ پوليس ڊپارٽمنٽ پاران ٽريفڪ جي حوالي سان ڪو مڪنيزم جوڙيو ويو آهي جنهن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ساموندي طوفان بائيپرجوائي ۽ تيز برساتن کان اڳ حفاظتي اپاءُ وٺڻ لاءِ بدين ۾ اجلاس

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نجيب الرحمان جمالي جي زير صدارت دربار هال ۾ گڏجاڻي ٿي

ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شير محمد نهڙيو، ڊي اي او سيڪنڊري الله ڏنو ملاح، ايڊيشنل ڊائريڪٽر شريڪ

برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ هيوي مشنيري جي ضرورت پوندي ان جو پڻ بندوبست ڪيو وڃي:هدايتون

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) ساموندي طوفان بائيپرجوائي ۽ تيز برساتن کان اڳ حفاظتي اپاءُ وٺڻ لاءِ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نجيب الرحمان جمالي جي زير صدارت دربار هال ۾ اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي. گڏجاڻي ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

بدين: اي ڊي سي ون برساتن جي حوالي سان ڪوٺايل اجلاس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

نواب شاهه پرسان ڳوٺ ليمون رند ۾ چلهه مان چڻنگ اٿڻ ڪري گهر کي باهه

نوابشاهه (رپورٽر) نواب شاهه پرسان ڳوٺ ليمون رند ۾ چلهه مان چڻنگ اٿڻ ڪري باهه پورهيت بشير رند جي ڪکاوين گهر کي باهه لڳي وئي باهه سبب پورهيت جي ڪکاوين گهر ۾ پيل اَن ٽل سڙي رک ٿي ويو پورهيت جي هڪ ڍڳي ۽ هڪ ڳابو سڙي مري ويو جڏهن ته هڪ وڇ ۽ 3 ٻڪريون سڙي زخمي ٿي پيون متاثر ڊي سي شهيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سرحد ۾ ڪارنهن الزام هيٺ ستن ٻارن جي ماءُ کي مارڻ جي ڪوشش، تحفظ لاءِ احتجاج

عبداللطيف شر گهرواري ۽ ستن ٻارن جي ماءُ مائي ميران شر کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

برادري جي نوجوان گهوٽڪي جي رهواسي شهزادو شر سان ڪارنهن جو الزام مڙهي گهران ڪڍي ڇڏيو

ناري روئندي رهي ۽ عبداللطيف شر کي پٽيون ۽ پاراتا ڏيندي رهي، ايس ايس پي کان نوٽيس وٺڻ جي گهر

سرحد (رپورٽر) سرحد ۾ ڪارنهن الزام هيٺ ستن ٻارن جي ماءُ کي مارڻ جي ڪوشش، گهر نيڪالي، عورت ٻارڙن سميت سرحد پريس ڪلب پهچي وئي جان بچائڻ ۽ انصاف جون اپيلون، خبرموجب سرحد واسي عبداللطيف شر پنهنجي گهرواري ۽ ستن ٻارن جي ماءُ مائي ميران شر کي پنهنجي برادري جي نوجوان گهوٽڪي جي رهواسي شهزادو شر سان ڪارنهن جو الزام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڊسٽرڪٽ بار نوشهرو فيروز جي اڳوڻي صدر عبدالسلام لهراڻي جي 6 ورسي ملهائي وئي

بار ڪائونسل جي ميمبر شهيد عبدالسلام لهراڻي جي ورسي ڊسٽرڪٽ بار ۾ ملهائي وئي

شهيد عبدالسلام لهراڻي وڪيل لاءِ هڪ اڪيڊمي هو گهڻ رُڪي شخصيت هو: اياز مري

مولا پاڪ جي مدد سان هر ماڻهو جي تڪليف ۽ ڏک ۾ ان جو ساٿ ڏيندا آهيون: عبدالستار لهراڻي

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سنڌ جي نالي واري سينئر وڪيل ڊسٽرڪٽ بار نوشهرو فيروز جي اڳوڻي صدر سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر شهيد عبدالسلام لهراڻي جي ڇهين ورسي ڊسٽرڪٽ بار نوشهروفيروز ۾ ملهائي وئي ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ بار نوشهروفيروز جي صدر اياز مري چيو ته شهيد عبدالسلام لهراڻي وڪيل لاءِ هڪ اڪيڊمي هو گهڻ رُڪي شخصيت هو هن جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز: وڪيل شهيد عبدالسلام لهراڻي جي ورسي ملهائي پئي وڃي

گهارو پرسان ڳوٺ عبدالستار شيخ ۾ هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪيمپ لڳائي وئي

ٺٽو (رپورٽر) گهارو پرسان ڳوٺ عبدالستار شيخ ۾ هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪيمپ آڌاهار فائونڊيشن، نيشنل الفلاح ويلفيئر ٽرسٽ پاڪستان، الاخلاص نيو مسلم ويلفيئر ٽرسٽ الواحيدي ويلفيئر آرگنائيزيشن جي سهڪار سان لڳائي وئي، جنهن ۾ ڪراچي جي ماهر ڊاڪٽرن پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندي سوين ماڻهن جو مفت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

وفاقي ۽ صوبائي حڪومت وڏن سرمائيدارن ۽ مخصوص طبقي جي بجيٽ پيش ڪئي: محمد جاويد ميمڻ

غربت جي خاتمي ۽ ننڍن واپارين ۽ تجارتي سرگرمين کي هٿ ڏيارڻ جي لاءِ ڪا به قابل ذڪر ڳالهه ناهي

قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافي ۽ کاڌي خوراڪ جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن:واپاري اڳواڻ

اضافي ٽئڪسن 460 ارب جي خساري جي بجيٽ سان واپارين ۽ عوام جي لاءِ وڏيڪ مشڪلاتون پيدا ٿينديون

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ چيو آهي ته وفاقي ۽ صوبائي حڪومت غريب، عوام محنت ڪش، مزدورن، ننڍن واپارين ۽ دڪاندارن کي نظرانداز ڪري وڏن سرمائيدارن ۽ مخصوص طبقي جي بجيٽ پيش ڪئي آهي، جنهن ۾ مهانگائي، بيروزگاري، غربت جي خاتمي ۽ ننڍن واپارين ۽ تجارتي سرگرمين کي هٿ ڏيارڻ جي لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دڙو لڳ بيدردي سان ڪهاڙيون هڻي قتل ڪيل نوجوان جو لاش وارثن حوالي

3 ڏينهن اڳ گم ٿيل 35 ورهين جي نوجوان اسماعيل جتوئي کي هٿياربندن قتل ڪيو

پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو لڳ بيدردي سان ڪهاڙيون هڻي قتل ڪيل مقتول نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي، تدفين، ڪيس داخل ٿي نه سگهيو بلڙي شاهڪريم جي ڳوٺ مراد جتوئي مان 3 ڏينهن اڳ گم ٿيل 35 ورهين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوابشاهه جي علائقي تاج ڪالوني جي رهواسڻ عورت پاران احتجاجي مظاهرو

عورت نجم بي بي بيواهه وهاب الدين ملڪ پنهنجي پٽ زيد سان گڏ احتجاج ڪيو

منهنجي مڙس جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ سهرو نواب الدين ملڪ ملڪيت تي قبضو ڪيو آهي

نواب شاهه (رپورٽر) نواب شاهه مان ڏينهن ڏٺي جو نوجوان گم، امڙ جيجل کي بيهوشي جا دورا، پٽ جي بازيابي لاءِ پريس ڪلب پهچي وئي، اعلي اختيارين کان نوجوان پٽ جي بازيابي جو مطالبو خبر موجب نواب شاهه جي علائقي تاج ڪالوني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوابشاهه: بيواهه نجم بي بي سهري خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

بدين انتظاميا خطري سبب هيٺ آئوٽ جاري ڪري پنهنجي ذميواري پوري ڪري ڇڏي

عربي سمنڊ ۾ موجود ساموندي طوفان شدت اختيار ڪري چڪو آهي،اختيارين خاموش

ساحلي پٽي تي رهندڙ ڳوٺاڻن ۾ امڪاني طوفان ۽ بارشن ڪري خوف ڦهليل آهي:ذريعا

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) موسميات کاتي سمنڊ اندر موجود ساموندي طوفان سنڌ جي ساموندي پٽي سان ٽڪرائجڻ جي وارننگ جاري ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪاٺوٽ پرسان ٽرانسپورٽ جي نالي ۾ 2 ڏينهن اڳ بند ڪرايل پٿو ٻيهر شروع

ڊرائيورن کان تشدد تذليل 1000 روپيا اوڳاڙي سوشل ميڊيا ۾ ٻڙڌڪ متل هيو

ٽرانسپورٽر کي حبيب الله موڙ آفيس وٽ بيهاري مارڪٽ پڻ ڪئي وئي آهي:ذريعا

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) ڪاٺوٽ پرسان ٽرانسپورٽ جي نالي ۾ 2 ڏينهن اڳ بند ڪرايل پٿو ٻيهر شروع ٽرڪن ڊرائيورن کان تشدد تذليل ذريعي 1000 روپيا اوڳاڙي سوشل ميڊيا ۾ ٻڙڌڪ اوڳاڙي بند ڪرائڻ جو مطالبو تفصيل موجب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

مون کي اغوا ڪندڙ ٽولو ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ ڌمڪائي رهيو آهي: ڊاڪٽر احمد ڪتي

10 سال گولاڙچي جي عوام جي خدمت ڪئي آهي مون ۽ خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ٻي ڏينهن 6 جون تي گولاڙچي جي بليڪ ميلر ٽولي ڪيس بدين شهر مان سرعام اغوا ڪيو هيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) مون کي اغوا ڪندڙ ٽولو ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ ڌمڪائي رهيو آهي مون ۽ منهنجي خاندان کي تحفظ فراهم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڊاڪٽر احمد ڪتي پنهنجي برادري جي معززين سان بدين پريس ڪلب تي احتجاج ڪري رهيو آهي

سنڌ جي ڏاڙيل ڪلچر ۽ 15 ٻارڙن جي اغوا خلاف ٽنڊو محمد خان ۾ مظاهرو

سنڌ عوامي فورم ڪراچي کان ڪشمور تائين تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

سنڌ پرتارن وڏيرن جي جاگيردارانا نظام جي ڪري ڏاڙيلن حوالي ٿيل آهي: حبيب جتوئي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) سنڌ جي ڏاڙيل ڪلچر ۾ 15 معصوم ٻارڙن جي اغوا، جنسي ڏاڍ، قتل جي وارداتن ۾ 10 معصوم ٻارڙن کي اغوا ڪري قيد ڪرڻ جي خلاف سنڌ عوامي فورم ڪراچي کان ڪشمور تائين تحريڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪنڊيارو پرسان قومي شاهراهه تي ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، هڪ ڄڻو زخمي

قومي شاهراهه تي ٻيڙي اسٽاپ ويجهو ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار زخمي ٿي پيو

سڄاڻپ ڳوٺ ساجن مگريو واسي علي بخش مگريو طور ٿي، تعلقه اسپتال مان امداد ڏني وئي

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڪنڊيارو پرسان قومي شاهراهه تي ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، هڪ ڄڻو زخمي ڪنڊيارو قومي شاهراهه تي ٻيڙي اسٽاپ ويجهو ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار زخمي ٿي پيو جنهن کي تعلقه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهروفيروز: قومي شاهراهه تي حادثي ۾ زخمي ٿيل کي اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي

برساتن جي تباهڪارين ۾ سماجي ڪم ڪندڙ مهوش خان، شهباز ملڪ کي ايوارڊ فراهم

ٽنڊو محمد خان ۾ مهوش خان، شهباز ملڪ کي انسان دوست جي لقب جي اعزاز سان پيتا ڏني وئي

دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ انسانيت جي خدمت فطرت لاءِ بهترين اجر جو مثال آهي: حڪيم محمد يوسف

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) سنڌ ۾ دريائي ٻوڏ، برساتن جي تباهڪارين، آفتي وبائي بيمارين ڪرونا جي بچاءُ لاءِ انسانيت جي خدمت جو اعزاز حاصل ڪندڙ مهوش خان، شهباز ملڪ کي انسان دوست جي لقب جي اعزاز سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نئون ديرو جو زميندار سجاد حسين چنو جو ماسات مشتاق علي چنو لاڏاڻو ڪري ويو

حڪيم محمد اياز چنو جو ڀڻاٽ نويد احمد چنو جو والد مشتاق علي چنو دم ڌٽي حوالي ڪيو

جنازا نماز ۾ سياسي سماجي،مذهبي ،ادبي صحافي هر مڪتب فڪر جي ماڻهن شرڪت ڪئي

نئون ديرو(شاد محمود پٺو) نئون ديرو جو زميندار سجاد حسين چنو جو ماسات ۽ حڪيم محمد اياز چنو جو ڀڻاٽ نويد احمد چنو جو والد مشتاق علي چنو هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازه نماز المصطفي عيدگاهه نئون ديرو ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سنڌ بروهي اتحاد ٺاهڻ جو مقصد برادري کي منظم ڪرڻ آهي: عمران بروهي

برادري کي منظم ڪري سنڌ مسئلا حل ڪجن ۽ بروهي برادري هڪ امن پسند برادري آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ بروهي اتحاد جي اڳواڻن جي مان ۾ ٻيو بروهي ۾ گڏجاڻي ٿي گذري

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) سنڌ بروهي اتحاد ٺاهڻ جو مقصد برادري کي منظم ڪرڻ علي اڪبر بروهي بروهي برادري هڪ پليٽ فارم گڏ ٿي پنهنجن حقن لاءِ آواز اٿاري اڳواڻ سنڌ بروهي اتحاد جي اڳواڻن جي مان ۾ ميڙاڪو/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٽنڊو محمد خان: سنڌ بروهي اتحاد جا عهديدار آجياڻي واري تقريب ۾ شريڪ آهن

ڊپٽي ڪمشنر طوفان جي اڳڪٿي کي نظر ۾ رکندي سمورن کاتن جي ملازمن جون موڪلون رد

ملازمن جون موڪلون رد ڪندي سمورين اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا

عملدار علائقن ۾ ضروري عملو مقرر ڪرڻ سميت سمورو گهربل سامان ۽ مشنري فعال رکن:غلام فاروق

ملاح مڇي مارڻ کان پاسو ڪن ڇو ته سمنڊ جون حالتون خراب آهن، تمام خطرناڪ ۽ تيز لهرن جو امڪان آهي

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو غلام فاروق سومرو چيو آهي ته ساموندي طوفان "بائپر جوائي" جي خطري کي نظر ۾ رکندي ٺٽي جي ساموندي پٽي تي ٺلو 144 لاڳو ڪيو ويو آهي ۽ ماهيگيرن لاءِ ايڊوائزري پڻ جاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽو: ڊي سي غلام فاروق سومرو ساموندي طوفان جي حوالي سان ڪوٺايل جي صدارت ڪري رهيو آهي

سکر ۾ ناري فائونڊيشن توليدي صحت ۽ خانداني منصوبه سازيءَ تي ويهڪ

سکر (رپورٽ:امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ ناري فائونڊيشن توليدي صحت ۽ خانداني منصوبه سازيءَ تي شادي شد عورتن ۽ مردن سان الڳ الڳ ڄاڻ وندي. ناري فائونڊيشن، شرڪت گاهه وومين ريسورس سينٽر جي سهڪار سان شادي شد عورتن ۽ مردن سان الڳ الڳ توليدي صحت ۽ خانداني منصوبا سازي تي فوڪس گروپ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪڏڙو ٽائون ڪاميٽي تي جي ڊي اي پاران نياز حسين جوڻيجو کي چيئرمين جي ٽڪيٽ جاري

غلام رضا خاصخيلي کي وائيس چيئرمين جي ٽڪيٽ جاري، 12 ڪائونسلرن مان 9 جي ڊي اي جا آهن

7 مخصوص سيٽن مان 6 جي ڊي اي حاصل ڪيون هڪ سيٽ پ پ حوالي، پ پ جي ڪائونسلر جو 3 ٿي ويو

ڪڏڙو (رپورٽر ثناءالله ٽالپر) ڪڏڙو ٽائون ڪاميٽي تي جي ڊي اي پاران نياز حسين جوڻيجو کي چيئرمين ۽ غلام رضا خاصخيلي کي وائيس چيئرمين جي ٽڪيٽ جاري ڪڏڙو ٽائون ڪاميٽي جي 12 ڪائونسلرن مان 9 جي ڊي اي ۽ 3 پ پ جا آهن خبرموجب ڪڏڙو ٽائون ڪاميٽي جيڪا 5 وارڊن تي مشتمل آهي بلدياتي اليڪشن ۾ 3 وارڊن تي جي ڊي اي ڪائونسلر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سڄاڳ ٻار تحريڪ ڪنڊڪوٽ پاران معصوم عظيم ميٽڪ جي بازيابي لاءِ احتجاج

پريا ڪماري واجب گولو نازيا ڪوسو جي بازيابي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

معصوم واجب گولو کي بازياب ڪرايو معصوم نازيا ۽ ڪوثر ڪوسو کي بازياب ڪرايو جا نعرا

اسين سنڌ حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون ته فوري طور ضلعي جو امن بحال ڪرايو وڃي: مظاهرين

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ:غالب بلوچ) سڄاڳ ٻار تحريڪ ڪنڊڪوٽ پاران معصوم عظيم ميٽڪ معصوم پريا ڪماري واجب گولو نازيا ڪوسو جي بازيابي ۽ ضلعي ڪشمور جي ٻين ڌاڙيلن پاران ٻانڌي بڻايل جي آزادي لاءِ SBT مرڪزي اڳواڻ مصطفا اوڳاهي اختيار شيخ ڪامران ڇچڙ علي رضا سهرياڻي اڪرم سهرياڻي شهزاد محمداڻي بشرا سهرياڻي ۽ ٻين جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪنڊڪوٽ: سڄاڳ ٻار تحريڪ پاران اغوا ٿي ويلن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سرحد ۾ پ پ جي اقليتي سيٽ تي ڪامياب اميدوار پاران مان ۾ آجياڻو

سرحد (رپورٽر) سرحد ۾ پ پ جي اقليتي سيٽ تي ڪامياب اميدوار پاران پ پ اڳواڻن جي مان ۾ آجياڻو سرحد جي ترقي لاءِ جاکوڙ ڪرڻ جا وچن، خبرموجب سرحد اقليتي برادري جي مخصوص سيٽ تي منتخب ٿيل ڪائونسلر ناورو رام مارواڙي پاران پ پ جي مقامي اڳواڻن چيف احمد علي ملڪ، احسان عارباڻي، آشيش ڪمار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

لاڙڪاڻي ۾ جماعت اسلامي جي امير سراج الحق جي هدايتن تي سنڌ حڪومت خلاف احتجاج

ڪارڪنن سنڌ حڪومت جي مبينا غير جمهوري، غير آئيني قدمن خلاف ريلي ڪڍي گشت ڪيو

ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، هٿن ۾ بئنر ۽ پارٽي جهنڊا کڻي نعريبازي

پاڪستان پيپلز پارٽي جي تاريخ گواهه آهي ته انهن ڪڏهن به عوامي مينڊيٽ کي تسليم نه ڪيو آهي:اڳواڻ

ملي (پ ر) ڪراچي جي مينڊيٽ جي تحفظ ۽ پيپلزپارٽي حڪومت جي غيرجمهوري سازشن خلاف ملي ۾ جماعت اسلامي پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي وئي،جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ڪارڪنن شرڪت ڪئي،ريلي کي خطاب ڪندي امير جماعت اسلامي ٿرپارڪر ميرمحمد بليدي چيو ته ڪراچي جي عوام جماعت اسلامي کي واضع مينڊيٽ ڏنو آهي جنهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

شڪارپور پوليس جي شاندار ڪارروائي، 4 مغوي بازياب ڪرائڻ جي دعوي

ڪرمپور گريڊ اسٽيشن مان اغوا ٿي ويل به ملازم ۽ ٻن پائرن سميت 4 مغوي بازياب

سيپڪو ملازم جميل احمد ٻرڙو ۽ خانگي ملازم آصف آرائين کي هٿياربندن اغوا ڪيو هيو

پوليس ۽ ڌاڙيلن جي وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي، ڌاڙيلن رات جي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شڪارپور پوليس جي شاندار ڪارروائي، 04 مغوي بازياب، شڪارپور پوليس ٽاپرڪوٽ واري ڪچي جي علائقي ۾ جاري آپريشن جي نتيجي ۾ ڪشمور ضلعي جي ڪرمپور گريڊ اسٽيشن مان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

شڪارپور: شڪارپور پوليس پاران بازياب ڪرايل 4 مغوي بيٺل آهن

واقعي ۾ ملوث هر هڪ کي فوجي عدالتن ۾ آڻي سخت سزا ڏني وڃي: عبدالرحمان ثاقب

سکر (رپورٽ ,امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي علماء و مشائخ اڳواڻ عبدالرحمان ثاقب علامه عبدالستار بروهي شڪيل احمد شيخ ۽ ٻين چيو آهي ته 9 مئي وارو واقعو دل ڏڪوئيندڙ آهي واقعي ۾ ملوث هر هڪ کي فوجي عدالتن ۾ آڻي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي ته جيئن ٻيهر ڪنهن ۾ جرئت پيدا نه ٿي سگهي اهڙو اظهار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

خانواهڻ ۾ پي پي ايڇ آءِ انچارج کان ڦريل رقم واپس نه ٿي ڪهيو، احتجاج

محرابپور ۾ ڏينهن ڏٺي جو وچ بازار مان ڏهه لک روڪ رقم ڦر ڪري رفو چڪر ٿي ويا

ٽي مهينا اڳ ڊاڪٽر ذوالفقار علي سومرو جي محرابپور گهر مان لکين روپين جو پڻ ڌاڙو لڳو هيو

عرفان سهتو، تاج محمد رند، خادم حسين لاشاري، سيد ذيشان علي شاهه، ظفر علي سومرو احتجاج ڪيو

خانواهڻ (رپورٽ :عاجز امتياز نوح پوٽو) پي پي ايڇ آءِ ڪرڙي محمد ڪبير جو انچارج ڊاڪٽر ذوالفقار علي سومرو کان ڪجهه ڏينهن ٻهرپان گن پوائنٽ تي هٿيار بندن محرابپور ۾ ڏينهن ڏٺي جو وچ بازار مان ڏهه لک روڪ رقم ڦر ڪري رفو چڪر ٿي ويا ياد رهي ته ٽي مهينا اڳ ڊاڪٽر جي محرابپور گهر مان لکين روپين جو پڻ ڌاڙو لڳو هيو جنهن جي پوليس هن مهل تائين رڪوري ناهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

جماعت اسلامي پاران صوبائي حڪومت جي غير جمهوري ۽ غير آئيني حڪمت عملي خلاف بدين ۾ احتجاج

ڪارڪنن پاران مسجد اقصيٰ کوسڪي روڊ کان ريلي ڪڍي نيشنل پريس ڪلب بدين آڏو احتجاج ڪيو ويو

ڪراچي جي مينڊيٽ کي چوري ٿيڻ نه ڏينداسين، انشاءالله، جماعت اسلامي جو ميئر ڪراچي ايندو: علي مردان شا

حڪومت ڪراچي ميئر شپ جي چونڊن ۾ غير جمهوري رستو اختيار ڪيو ته ڪراچي ۾ نتيجا بهتر نه ٿيندا: ڳالهيون

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) جماعت اسلامي پاران ڪراچي جي مينڊيٽ کي بچائڻ لاءِ صوبائي حڪومت جي خلاف مسجد اقصيٰ کان ريلي ڪڍي بدين پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو تفصيل موجب جماعت اسلامي بدين پاران ڪراچي ۾ پنهنجو مينڊيٽ بچائڻ لاءِ صوبائي حڪومت طرفان پاس ڪيل مقامي ادارن جي ٽئين قانون خلاف اقصي مسجد کان بدين پريس ڪلب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

بدين: جماعت اسلامي پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪوٽ غلام محمد پيار جو پرٽو ڪندڙ ٽنڊو الهيار جون 2 سڳيون ڀينرون پهتيون

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد پيار جو پرٽو ڪندڙ ٽنڊو الهيار جون 2 سڳيون ڀينرون پريس ڪلب پهچي وس وارن ادارن کان تحفظ جي اپيل ڪيي پيار جو پرٽون ڪندڙ نارين 18 ساله ريشما ڌي ارباب سولنگي ۽ 20 ساله جنت ڌي ارباب سولنگي پنهنجي والد ارباب سولنگي تي الزام هڻندي چيو ته اسان کي حيدرآباد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٽنڊو محمد خان جي ٽالپر ڪالوني ۾ ڏولڪ نواز شاهنواز سومرو جي گهر تي چڙهائي

ڏيتي ليتي تان ڏولڪ نواز شاهنواز سومرو جي گهر ۾ حملي آورن داخل ٿي تشدد ڪيو

اسماعيل شاهه سندس پٽن اڪبر شاهه، علي نواز شاهه، دلاور شاهه، بچو شاهه ۽ ٻين تي اين سي داخل

اسماعيل شاهه کي گرفتار ڪري وياج جو ڪاروبار علائقي مان بند ڪرڻ لاءِ پڻ اپيل ڪئي آهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) ٽنڊو محمد خان جي ٽالپر ڪالوني ۾ ڏولڪ نواز شاهنواز سومرو جي گهر تي چڙهائي، مردن عورتن کي مارڪٽ، ٽنڊو محمد خان شهر جي ٽالپر ڪالوني ۾ وياج جي رقم جي ڏيتي ليتي تان ڏولڪ نواز شاهنواز سومرو جي گهر ۾ حملي آورن داخل ٿي عورتن مردن کي مارڪٽ ڪئي جنهن تي ٽنڊو محمد خان شهر جي سٽي ٿاڻي تي اسماعيل شاهه سندس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 12 جون 2023ع

بجيٽ: سنڌ جون حالتون تبديل ڇو نٿيون ٿين؟

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، جنهن وٽ سنڌ جي خزاني واري وزارت جو قلمدان پڻ آهي، ڪالهه سنڌ اسيمبليءَ ۾ مالي سال 24_2023 جي لاءِ 2244 ارب رپين جي، 37 ارب، 79 ڪروڙ رپيا خساري واري بجيٽ پيش ڪئي آهي. گريڊ هڪ کان گريڊ 16 جي سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 35 سيڪڙو، گريڊ 17 کان گريڊ 22 جي ملازمن جي پگهارن ۾ 30 سيڪڙو واڌ ۽ پينشن ۾ 17.5 سيڪڙو واڌ جي تجويز ڏني وئي آهي. جڏهن ته گهٽ ۾ گهٽ پگهار 33 هزار، 750 رپيا مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. بجيٽ ۾ امن امان لاءِ 160 ارب، تعليم لاءِ 353 ارب ۽ صحت لاءِ 20 ارب رپيا رکيا ويا آهن. نئين مالي سال جي ترقياتي بجيٽ 410 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن. مڪاني ترقياتي بجيٽ 62 ارب، ضلعن جي ترقياتي بجيٽ جي مد ۾ 30 ارب رپيا رکيا ويا آهن. امن امان لاءِ 153 ارب رپيا رکيا ويا آهن. پوليس لاءِ ملٽري گريڊ جي هٿيارن جي خريداريءَ لاءِ 2.796 ارب رپيا رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. وفاقي حڪومت کان پوءِ هينئر سنڌ جي بجيٽ به اچي ويئي آهي. هونئن ته هن ملڪ ۾ هر سالياني بجيٽ چلڪڻي غلاف ۾ سونهن سان سينگاريل هوندي آهي. سهڻي پيڪنگ ۽ اندر اهو ڪوجهو رکو هوندو آهي ۽ پلي ڪئي بجيٽ اعلان ۽ منظوري، وقت ڪيتري به عوام دوست هجي پر ان مان عوام کي حقيقي معنيٰ ۾ ڪيترو لاڀ ملندو، اهو اصل معاملو آهي. بجيٽ ته هر سال ايندي آهي، بجيٽ ۾ ته اربين روپيا سنڌ جي روڊن رستن، امن امان، تعليم ۽ صحت سميت مختلف سهولتن لاءِ رکيا ويندا آهن. پر ائين ڇو آهي، جو سنڌ جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي وڃي، سنڌ ۾ امن ڪٿي به نظر نٿو اچي. قانون، هٿيارن ۽ هليو ويو آهي. امن امان لاءِ پئسا ته هلندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ به رکيا ويا هئا، پر سنڌ جي اڌ درجن کان وڌيڪ ضلعن جو وڏو حصو ڌاڙيلن جو راڄ آهي، ماڻهو اغوا پيا ٿين ڪنهن کي به يقين ڪونهي ته هو گهران نڪرڻ کان پوءِ صحيح سلامت گهر پهچي سگهندو. معصوم ٻارڙا به پئسن خاطر اغوا ڪيا پيا وڃن. هن پوري پوليس لاءِ آرمي گريڊ جي هٿيارن جي خريداريءَ لاءِ ته رقم رکي ويئي آهي، پر جي هٿيار ڪچي جي ڌاڙيلن کي ختم ڪرڻ لاءِ ضروري آهن. پر "پڪي جي ڌاڙيلن" جو خاتمو ڪيئن ٿيندو؟ اهو غير واضح آهي. سنڌ جي تعليم جي حالت به خراب آهي. نه بجلي، نه پاڻي، نه واش روم، نه ڪمپيوٽر، نه فرنيچر. ٻهراڙين جي اسپتالن ۾ نه ڊاڪٽر ملندا ۽ نه ئي دوائون ملنديون. توڙي جو بجيٽ ۾ ته هر سال رقم رکجي ٿي. اها رقم ڪٿي ٿي خرچ ٿئي، اصل سوال ته اهو آهي. صحت جي سهولتن جي حوالي سان صرف اين آءِ سي وي ڊي، ايس آءِ يو ٽي، گمبٽ انسٽيٽيوٽ جا مثال ڏيئي ماڻهن کي پرچائي نٿو سگهجي. ڏيڍ ڏهاڪي کان هڪ ئي جماعت جي حڪمراني آهي. هر سال بجيٽ اچي ٿي. پر سنڌ جي ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي به ميسر ڪونهي. صحت ۽ صفائي، تعليم، روڊ، رستا، ميونسپل سهولتون ناهن. اهڙيون حالتون ڏسي ماڻهن بجيٽ جو ڪهڙو جشن ملهائن؟ اهو ته آهي ته منتظمين ۾ ترقياتي بجيٽ خرچ ڪرڻ جي اهليت نه آهي. هر سال اهو مسئلو ٿئي ٿو پر ڪو پڇڻ وارو ڪونهي.

سنڌ حڪومت به وفاقي حڪومت وانگر سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 35 سيڪڙي تائين واڌ ڪئي آهي ۽ پينشن ۾ 17.5 سيڪڙو وڌائي ويئي آهي. البت گهٽ اجرت ۾ واڌ سنڌ حڪومت وفاقي حڪومت کان وڌيڪ ڪئي آهي، جيڪو ساراهه جوڳو قدم آهي. اها جدا ڳالهه آهي ته هن مهانگائيءَ جي دور ۾ ان رقم مان 6 ڀاتين واري هڪ ڪٽنب جو گذارو مشڪل آهي. اسان هتي رڳو اهو ٿا چئون ته بجيٽ ۾ رکيل رقم سنڌ تي شفاف نموني خرچ ٿيڻ گهرجي. جنهن سان سنڌ جي حالتن ۾ تبديلي نظر اچي.

وفاقي بجيٽ: عوام کي ڪيترو رليف ملندو؟

آيم بي سومرو

[illegible]

ڪوشش ڪئي هئي ته اپوزيشن ليڊر جو عهدو ڪين ملي. پاڻ کي حقيقي اپوزيشن سمجهندڙ جي ڊي اي ميمبر به خاموش چو هئا. ان جي وضاحت ته اهي پاڻ ڪري سگهن ٿا، باقي 9 جون تي بجيٽ اجلاس جي ڪاروائي ڏسي اهو واضح ٿي رهيو آهي ته بجيٽ مٿان ماضي وانگر تنقيدي بحث به نه ٿي سگهندو. رڳو خانه پوري لاءِ 3 کن ڏينهن تائين بحث ٿيندو ان بعد حڪومت بجيٽ عيد کان اڳ منظور ڪرائي وٺندي. پيش ڪيل مالي سال 24_2023ع جي بجيٽ عوامي رليف واري بجيٽ آهي يا نه؟ واري سوال تي منجهائيندڙ بحث ڪرڻ بجاءِ آسان طريقي سان بجيٽ جا ڪجهه انگ اکر پيش ڪرڻ چاهيان ٿو جنهن مان هر ڪو اندازو ڪري سگهي ٿو ته بجيٽ ۾ عوام کي ڪيترو رليف ڏنو ويو آهي. نئين مالي سال 24_2023ع جي بجيٽ ۾ ملڪ جي ڪل ٽيڪس آمدني جو ڪاٿو 12163 ارب روپيين جو لڳايو ويو آهي، جنهن ۾ ايف بي آر کي ڏنل 9200 ارب جي ٽيڪس وصولين جو هدف ۽ 2963 ارب جي نان ٽيڪس روينيو جي مد ۾ آمدني شامل آهي. ڪل 12163 ارب جي ٽيڪس آمدني مان صوبن کي 5276 ارب اين ايف سي ايوارڊ تحت حصي جي منتقلي بعد وفاق وٽ ڪل آمدني جي رقم مان باقي رقم 6887 ارب باقي رهجي وڃي ٿي. جڏهن ته رڳو قرضن تي ايندڙ جولاءِ کان شروع ٿيندڙ مالي سال دوران وفاق کي 7303 ارب وياج جي مد ۾ ادا ڪرڻا آهن رڳو اها هڪ ادائگي ڪرڻ بعد وفاقي حڪومت 416 ارب روپيين جي خساري ۾ هلي وڃي ٿي. جڏهن ته نئين مالي سال دوران رڳو 6887 ارب روپيين جي آمدني رکندڙ وفاقي حڪومت جو نئين مالي سال دوران ڪل خرچن جو ڪاٿو 14460 ارب روپيين جو آهي. جنهن جو مطلب ته وفاقي حڪومت کي 7573 ارب روپيين جي خساري جي صورتحال سامهون آهي. جنهن گهر ۾ آمدني کان ٻيڻ تي وڌيڪ خرچ هجن، اهو گهر پريشاني کان نه وانجهيل نٿو رهي سگهي. پر ان جي زندگي جو هر ايندڙ ڏينهن پريشان ڪن ٿيندو ويندو آهي. ائين پيش ڪيل بجيٽ کي ڏسجي ٿو ته ان ڪٿيل خرچن جو سڄو دارو مدار ئي خساري جيتري رقم جيترا قرض ملڻ تي آهي. مثال طور اگر ايتري رقم جا قرض نه ملي سگهيا ته هر حڪومت لاءِ اهو آسان ڪم رهيو آهي ته اها ترقياتي بجيٽ ۾ ڪٽ لڳائي ڇڏيندي آهي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ رکيل سبسڊي جي رقم کي گهٽ ڪري ڇڏيندي آهي. بجيٽ ۾ جيڪي غريب ماڻهن کي رليف فراهم ڪرڻ توڙي نوجوانن، هارين کي سستي اگهن تي قرضن جي فراهم سودو مختلف قدمن جا اعلان ٿيندا آهن. انهن اعلانن تي عملدرآمد لاءِ رقم ئي جاري نه ٿيندي آهي. باقي سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ تي سئو سيڪڙو عملدرآمد ان ڪري ٿيندو آهي جو انهن کي واڌ سان گڏ پگهارون نه ملن ته اهي هڙتال

[illegible]

اچي ته اعلانن تي عملدرآمد ڪيئن ٿيندو؟ ان حوالي سان ناڻي وزير هڪ ڳالهه اهڙي ڪئي ته جن کي 32 هزار ماهوار نٿا ملن اهو سرڪار کي شڪايت ڪري، چو ته اسان کي الهام ته نه ٿيندو جو ڪنهن کي مقرر ٿيل گهٽ ۾ گهٽ اجرت ملي ٿي يا نه. اها ڳالهه حڪمرانن جي ذهنيت کي واضع ڪري ٿي. چو ته اگر ڪنهن نجي اداري ۾ ڪم ڪندڙ ملازم سرڪار کي اجوره گهٽ ملڻ جي شڪايت ڪئي، ان کي مڪمل سرڪار پاران مقرر ڪيل اجوره ملڻ جي ته ڪا گارنٽي نه آهي پر اها گارنٽي ضرور آهي ته اهڙي درخواست ڏيندڙ اداري مان فارغ ضرور ٿيندو. ٻيو مثال اهو آهي ته پيٽرول، ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ ٿيڻ سان هر شي فوري مهانگي ٿي ويندي آهي پر اگر پيٽرول، ڊيزل جون قيمتون گهٽ ٿينديون آهن ته ان جو عوام کي ڪو فائدو نه ٿيندو آهي. هن مهيني ۾ ئي ناڻي وزير پيٽرول، ڊيزل جون قيمتون گهٽ ڪرڻ جي اعلان ڪرڻ وقت ٽرانسپورٽرن سوڌو لاڳاپيل ڪاروبارين کان قيمتون گهٽ ڪرڻ جي بار بار درخواست ڪئي. ناڻي وزير پاڻ مڃي رهيو آهي ته قيمتون گهٽ ٿيڻ جو عام ماڻهن کي فائدو نه ٿيو آهي. رياست ايلازن ڪرڻ بجاءِ ذخيره اندوزن ۽ منافعي خورن کي قانون جي تابع چو نه ڪري رهي آهي؟ چو رياست انهن سامهون پاڻ کي لاچار ۽ بي وس محسوس ڪرائي رهي آهي؟ قومي اسيمبلي ۾ پيش ٿيل نئين مالي سال جي هن بجيٽ ۾ هڪ اهڙي تجويز به شامل آهي جيڪا گذريل ڪيترن ئي سالن کان هر بجيٽ ۾ شامل ڪئي ويندي رهي آهي. اها تجويز آهي نان فائيلرن جو گهيرو تنگ ڪرڻ واري. سوال هي آهي ته جنهن هاري، مزدور، نجي ملازم جي ماهوار يا سالياني آمدني ئي ايتري نه آهي جيڪا ٽيڪس دائري ۾ اچي سگهي ته پوءِ انهن مٿان فائيلر ٿيڻ جو بار وجهڻ جا جائز آهي؟ جا اها زيادتي نه آهي جو جن جي آمدني ٽيڪس ادا ڪرڻ جي دائري ۾ ئي نٿي اچي. ان مٿان هر سال وڪيل ڪري ايف بي آر ۾ گوشوارا جمع ڪرائڻ بار وڌو وڃي؟ حڪومت وٽ بينڪن ۾ اڪائونٽ رکندڙن، پلاٽ يا ڪنهن به قسم جي ملڪيت يا ڪاروبار ڪندڙن جو سمورو رڪارڊ آهي. حڪومت رڪارڊ کي ڏسي انهن ماڻهن تائين چو نٿي پهچي ته اوهان کي هيتري ٽيڪس ادا ڪرڻ گهرجي ها پر اوهان ادا نه ڪئي آهي، اها ادا ڪريو پر حڪومت آسان رستو اهو ڪڍيو آهي ته اسان اهو خفو ڪونه ڪنداسين ته ڪنهن وٽ ڪيتري ملڪيت ۽ آمدني آهي. ان ڪري هاڻي هر شهري اسان وٽ پاڻ اچي ٻڌائي ته منهنجي هيتري آمدني، ملڪيت آهي. هن وقت مهانگائي ان حد تائين پهتي آهي جو عام ماڻهو پنهنجي هڪ ڏينهن جي مزدوري ڇڏڻ جو رسڪ ئي نٿو کڻي سگهي، اهو گوشوارا جمع ڪرائڻ لاءِ ايف بي آر جا چڪر ڪيئن ڏيندو پر حڪومت ان کي ظالمائي انداز سان اهو بار به کڻڻ لاءِ مجبور ڪري رهي آهي. چو ته هاڻي اگر ڪو مزدور يا عام ملازم

[illegible]

ڀڪ رقم هلي وڃي ٿي. وفاق وٽ رڳو چاليهه سيڪڙو رقم باقي وڃي رهي ٿي. اهي ڳالهيون اڌ سچ آهن مڪمل سچ نه آهن. بلڪل حقيقت اها آهي ته وفاقي حڪومت کي هن وقت به چئني صوبن کي ملندڙ رقم کان وڌيڪ وسيلا ملي رهيا آهن. مثال طور ناڻي وزير اسحاق ڊار پاران پيش ڪيل بجيٽ جي انگ اکرن مطابق نئين مالي سال دوران صوبن کي 5276 ارب روپيين جو حصو ڏيڻ بعد وفاق وٽ ڪل بچندڙ ٽيڪس آمدني 6887 هوندي. هاڻي ڪو ٻڌائي سگهي ٿو ته صوبن کي منتقل ٿيندڙ ڪل رقم 5276 ارب واري رقم وڌيڪ آهي يا وفاق وٽ بچندڙ 6887 ارب وڌيڪ آهن جا ڪو ٻڌائي سگهي ٿو ته جا وسيلن مان اها رقم صوبن کي 57 سيڪڙو منتقلي جي نشاندهي ڪري ٿي ظاهر آهي مٿين انگ اکرن کي ڏسي ڪو به اهو نه ٿو چئي سگهي ته صوبن کي وفاق کان وڌيڪ رقم ملي رهي آهي پر ٽيڪنيڪل طور تي وفاقي حڪومت کي نان ٽيڪس آمدني کي ڪڍي باقي ايف بي آر جي ٽيڪس آمدني واري رقم مان 57 سيڪڙو رقم ڏئي ٿي. اوهان کي ٻڌايان ته نان ٽيڪس آمدني جي رقم ڪا معمولي نه آهي نئين سال ۾ نان ٽيڪس روينيو جي مد ۾ 2963 ارب جي آمدني جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي. مزي جي ڳالهه اها آهي ته ايف بي آر کي ڏنل ٽيڪس وصولين جي هدف واري رقم جي بنياد تي وفاقي حڪومت صوبن جو بجيٽ ۾ حصي جو ڪاٿو لڳايو آهي. ايف بي آر ڪڏهن به ٽيڪس وصولين جو هدف پورو نه ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي ته سال مڪمل ٿيڻ تائين جيترين گهٽ ٽيڪس وصوليون ٿين ٿيون، صوبن جي حصي ۾ اوترو ڪٽ لڳي وڃي ٿو ائين صوبا بجيٽ ۾ جيڪا رقم ملڻ جو وفاقي حڪومت ڪاٿو لڳائيندي آهي، ان آمدني کي سامهون رکي بجيٽ تيار ڪندا آهن. اها رقم جڏهن صوبن کي مڪمل طور نه ملي سگهندي آهي ته انهن جي پلاننگ به ڊوڙ ٿي ويندي آهي. اهو به چوڻ غلط نه ٿيندو ته 18 ترميم بعد صوبن ۾ جيڪا تبديلي اچڻ گهرجي ها اها ڪنهن به صوبي ۾ نظر نٿي اچي. نتيجي ۾ 18 ترميم جنهن سوچ ۽ فلسفي کي سامهون رکي ڪئي وئي هئي ان فلسفي جي افاديت عام ماڻهن کي سمجهائڻ ڏکيو عمل بڻجي رهيو آهي اهو ئي سبب آهي جو هڪ درست ۽ شاندار قدم کي ماڻهو منفي عمل ڪري پيش ڪري رهيا آهن ۽ ائين ڪندڙن کي عوام جي ڪاوڙ جو منهن ڏسڻو نه پئجي رهيو آهي چو ته 18 ترميم جو ثمر عام ماڻهن وٽ اجان نه پهتو آهي ان جو فائدو اجان اشرافيا تائين ئي محدود ٿيل آهي اهو ئي سبب آهي ته بجيٽ پيش ٿيڻ جو مطلب ملڪ ۾ مهانگائي ٿيڻ ئي آهي عام ماڻهو ته بجيٽ جو انتظار ڪون ڪندا آهن بجيٽ جو انتظار سڀ کان وڌيڪ سرڪاري ملازمن ۽ اشرافيا کي هوندو آهي

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فاذڪروني اذڪرڪم'، اِيَ پروڙج بات؛
هٿِ ڪاتي ڳُڙ واتِ، پُڄڻُ پر پرين جي.

هڪ جهپسي ڪالم

سکر - روهڙي وايه بئراج

حبيب ساجد

"وقت ۽ ويڇ جيان ٽرين به ڪنهن جي لاءِ ڪونه بيهندي آهي" هڪ چوڻي.

اسان جي دل لڀائيندڙ هن دنيا ۾ ڪوڙين شهر اهڙا به آهن جيڪي ٻن مختلف دنيائين جيان موجود آهن جيئن ترڪيءَ جو استنبول شهر جيڪو اڌ اسان جي ايشيا ۾ آهي ته اڌ وري يورپ ۾ آهي، ايئن ئي پنهنجي ڪئمپس لائيف ۾ اسٽيٽسٽڪس جي پروفيسر سائين اسحاق انصاريءَ کان چيڪ ۽ سلواڪ ملڪن جون ڳالهيون ٻڌي اسان به پاڻ کي چڻ مورواڍيا نديءَ جي ڪناري ڪناري واڪ ڪندي محسوس ڪندا هياسين. مٿان وري سائين اسحاق جي باڊي لينگئيج سان سجايل ڪمال اسٽوري ٽيلنگ جي صلاحيت ۽ ترڪي ۾ رکي رکي ڪجهه چڙواڳ ٽهڪ. اسان ڇٽ پروچ ڇڻ ڪنهن اورئي دنيا ۾ پهچي ويندا هياسين. سائين اسحاق انصاريءَ جي لاءِ ريڊيو پاڪستان خيرپور جا دوست ٻڌائيندا هيا ته سائين ريڊيو تي هڪ پروگرام ڪندا هيا جنهن جو پروڊيوسر سائين مختيار ملڪ هوندو هيو ۽ پاڻ ان پروگرام جا ميزبان هوندا هيا. ان پروگرام ۾ سامعين جا خط ۽ فون ڪالون به اينديون هيون ۽ سائين اسحاق جواب ڏيندي وچ ۾ اوچتو ٽهڪ ڏيڻ لڳندا هيا ته ڏوربري جي ڳوٺن ۾ ريڊيو ٻڌندڙ سنڌياڻين جي چُلهين تي رکيل ماڻيون سڙي وينديون هيون. سائين اسحاق تي هڪ ڪتاب لکڻ جو هميشه من ڪندو آهي پر ڪمبخت وقت ئي نه ڪونه ٿو ملي.. هن ڪالم لکڻ لاءِ به مون کي صبح ويلي آفيس جو وقت ڪرٽيل ڪرڻو پئجي ويندو آهي ۽ مان ائين بجاءِ ڏهين وڳي آفيس پهچي پنهنجي باس ريلوي آفيسر اڳيان پاڻ کي وضاحتون ڏيندي ڏسندو آهيان. ايئن ئي اسان جي دل جي ويجهو به شهر هڪ ٻئي جي آڏو آڏو هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندي محسوس ٿيندا آهن. سکر ۽ ان جي سسٽر سٽي "روهڙي" جنهن کي اسان بيدل، بيڪس، ابوالقاسم نمڪين، امرجليل، مختيار قاضي، سائين علي حسن قاضي ۽ اختر درگاهيءَ جو شهر به چوندا آهيون ..

ٻنهي شهرن جي وچ ۾ سنڌو درياءَ وهي ٿو جنهن کي تاريخ دانن هميشه مائٽي ريور يعني شير درياءَ لکيو آهي، مگر هاڻ اڀرپاسي جي صوبن اسان جي ٽن ملڪن مان ڪهي ايندڙ انهيءَ سنڌو نديءَ کي سنگهرن ۾ جڪڙي قيد ڪري ڇڏيو آهي. ڪوڙين معاهدا ۽ جام ساٽريون ٽريٽيون ٿيل آهن مگر اوهان جو ڏوڀاءَ جيڪڏهن آمريت پسند به هجي ته ڪٿي ٿو اسان سنڌين جي ڳالهه ٻڌي، مون کي ياد آهي، جڏهن اسان ڪجهه سنڌي 1990 ڌاري ريلوي جي ٽريننگ تي لاهور جي ريلوي اڪيڊمي والٽن ويا هياسين ته اتي اسان سنڌي ٻن ٽورائيءَ ۾ هياسين. روز اسان جو ڪونه ڪو پنجابي ڀاءُ سنڌين جي ڪالاباغ ڊيم جي لاءِ انڪار تي اسان سنڌين تي سدائين ڏمريل هوندا هيا. هڪ ڀيري هڪ نيٽ ڪيفي تي ته مون سان ڪجهه پنجابي نوجوان هٿين پئجي ويا هيا ۽ مان ذري گهٽ انهن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائي رهيو هيس مگر وچ ۾ ڪي سنا ماڻهو به اچي ويا جن سين کي سمجهايو ته سياست اسان کي ويڙهائي رهي آهي پوءِ پلي اها ضياءالحق جي هجي يا ڀٽي جي هجي، پنجاب جي خوشنوديءَ کان سواءِ هُو ڪڪ به هيٺو ڪري پيچي نه ٿا سگهن. پنجاب واسين ۾ هيءَ ڳالهه روزيءَ پري وٺي آهي ته درياءَ پنجاب جو آهي ۽ نالو وري سنڌو درياءَ رکيو ائين. ڪين تاريخي شعور بس ايترو ئي هوندو آهي جيترو ڪنهن اوڪيءَ ويل ڪم اچي، مان لاهور ۾ پنج مهينا ٽريننگ دوران اهو به ڏٺو ته انهن ۾ معاشرتي شعور به بس ايترو ئي هوندو آهي جيتري جي گهرج هجي، نه هيٺ نه مٿي، جيڪڏهن مون کي آر اي بازار وڃڻو هوندو هو ۽ مان ڪنهن کان ڏس پتو پڇندو هيس ته ايئن سمجهائيندا هيا ڄڻ مون کي انارڪليءَ جي بازار پهچڻو آهي. رڪشا به اگر ڪرائي پوندي هئي ته اهو رڪشا وارو ان علائقي ۾ ئي پنج ڪن خالي چڪر هڻائي ميٽر جي معرفت چڱو سارو ڏاڍي نالو بهاري ويندو هيو

مون کي ياد آهي، والٽن جي ريلوي اڪيڊمي انگريزن اهڙي ته سهڻي ناهي هئي ۽ ان کي ايڏو ته سرسبز بڻائي ڇڏيو هو جو اتي پهچي اسان ڄڻ ڪنهن اورئي جهان ۾ پهچي ويندا هياسي. اڪيڊميءَ جي گيٽ تي ئي ايڊمن بلاڪ هوندو آهي جنهن جي پاسي ۾ انگريزن جي دئور جي اسٽيم انجڻ بيهاريل آهي، جيڪا ڪرٽلي تي هلندي هئي، ان ۾ هڪ ڊرائيور هوندو هو ۽ هڪ هن جو اسسٽنٽ هوندو هو جنهن جو ڪم انجڻ ۾ بيلچن سان ڪوئلو وجهڻ هوندو هو. ان جي ئي ڪري هن کي اسان جا پراڻا ريلوائي اڄ به فائرمين ڪري سڏيندا آهن. حالانڪ هاڻ اها پوسٽ اپ گريڊ ڪري اسسٽنٽ ڊرائيور ٿي وئي آهي پر اڄ به ٽرين ورڪنگ دوران اهو اسسٽنٽ ڊرائيور پنهنجي ۽ پنهنجي ڊرائيور لاءِ انجڻ جي بجليءَ تي هيٽر هلائي ان تي چانهه ناهيندو آهي ۽ ماني به گرم ڪندو آهي، صدين کان اها انهن جي ڊيوٽي هوندي آهي مگر اها سهولت قانون ۾ ڏنل ناهي ۽ انهن هيٽرن جي ڪري انجڻ ۾ باهه لڳڻ جو هر وقت خطرو هوندو آهي ۽ ٻيو ته هاڻ لڳ ڀڳ سمورين انجڻين ائيرڪنڊيشنڊ ڪيون ويون آهن ان ۾ ڊرائيور ۽ اسسٽنٽ ٽڏڪار واري ماحول ۾ ٽرين ورڪنگ ڪندا آهن پر ائين به ٿيندو آهي جو ان ٽڏڪار جي ڪري ڪڏهن ڊرائيور يا ڪڏهن هن جي اسسٽنٽ ڊرائيور کي ننڊ به کٽي ويندي آهي ۽ انهن کي جاڳائڻ لاءِ انگريزن هر انجڻ ۾ هڪ الارم هڻي ڇڏيو آهي جنهن کي اڳ ۾ پير سان ري سيٽ ڪرڻو پوندو هو ۽ هاڻي هٿ سان ڪرڻو پوندو آهي، هر پنجن منٽن بعد اهو الارم پاڻ هورنو آپريٽ ٿي ويندو آهي، ۽ ڊرائيور کي اهو وري ري سيٽ ڪرڻو پوندو آهي، ان سبب جي ڪري ڊرائيور يا هن جو اسسٽنٽ وڌ ۾ وڌ پنج منٽ ئي ننڊ جا مزا وٺي سگهن ٿا. ٽرين جو اصل انچارج گارڊ هوندو آهي جنهن کي هاڻ ٽرين انچارج جي نالي سان ري نيم ڪيو ويو آهي ۽ سينئر گارڊ وري ڪنڊڪٽر گارڊ سڏجي، جنهن جو ڪم مسافرن کي سيٽن ۽ برٿن تي انهن جي ريزرويشن جي حساب سان ويهارڻو هوندو آهي ۽ گهرج آهر مسافرن کي سيٽون ۽ برٿون به الاٽ ڪرڻيون هونديون آهن. ٽرين جو سڄو وهنوار انچارج گارڊ هلائيندو آهي، ٽرين ڊيوٽيءَ تي چڙهڻ کان اڳ ۾ ٽرين جو هر ملازم، آخري ڪوچ جي بريڪ ۾ ويٺل انچارج گارڊ وٽ اچي ڊيوٽي رپورٽ ڪندو آهي، ۽ هن کي پنهنجو فون نمبر لکرائي ويندو آهي، رستي ۾ ڪنهن خرابي يا ايمرجنسيءَ جي صورت ۾ گارڊ انهن کي موو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ اٿين ٽرين ۾ اهو مسئلو گارڊ انچارج ويٺي ويٺي حل ڪري ڇڏيندو آهي، ان کان علاوه انچارج گارڊ جي ڊيوٽي اها به هوندي آهي ته هو ٽرين ڊرائيور جي اسپيڊ تي نظر رکي، اگر ڊرائيور ٽرين جي بوڪڊ اسپيڊ کان گهٽ اسپيڊ سان ٽرين هلائي ٿو ته انچارج گارڊ سڀ کان اڳ ۾ هن کي وارننگ ڏيندو ته ٽرين جو بوڪڊ اسپيڊ 110 ڪلوميٽر في ڪلاڪ آهي مگر هُو ٽرين کي 80 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان ڇو هلائي رهيو آهي. اگر هُوان جو ڪو ٽيڪنيڪل سبب ٻڌائي ٿو ته ڊرائيور کان ان فالٽ جي تفصيل وٺي هُو پنهنجي ٽريفڪ آفيسر کي رپورٽ ڪندو آهي ته روهڙي اسٽيشن تي ٽرين جي انجڻ کي مسترين کان اٽينڊ ڪرايو وڃي، پر جي ڊرائيور پاڻ ئي رفتار گهٽ رکي هلائي رهيو هوندو آهي ۽ ان جو ڪو سالڊ سبب نه هوندو آهي ته انچارج ان ڊرائيور جي رپورٽ ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ ان ڊرائيور کي وضاحت لاءِ ڪنٽرول آفيس گهرايو ويندو آهي ۽ هن کان لکت ۾ وضاحت گهري ويندي آهي. اگر اهو ڏوهي ثابت ٿيندو آهي ته سزا طور تي هن جي هڪ، ٻن يا ٽن سالن جي لاءِ سالياني انڪريمينٽ ختم ڪئي ويندي آهي ۽ ائين هُو سينئر هوندي به پنهنجي سائين کان جونيئر ٿي ويندو آهي.

بقايا 01

۾ هڪ مرڪعي تي اسپيڪر مير جان محمد جمالي وفاقي بجيٽ تي دلچسپ تبصرو ڪندي چيو ته وفاقي بجيٽ جو فائدو انهن ماڻهن کي ٿيندو جيڪي اوني جي ڪاروبار ۾ مصروف آهن چو ته بوٽن سميت سامان تي رعايت ڏني وئي آهي. جراب، جيڪي اوني سان لاڳاپيل آهن. جي ڪاروبار مان آهي هن وڌيڪ چيو ته هاڻي عوام کي لنڊي جو ڪاروبار ڪرڻ گهرجي.

بقايا 02

سان تمام گهڻو ويجهو ٿي ملي ڪم ڪرڻ جي اوسيڙي ۾ آهيان. ڀائرن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ چاهيون ٿا. واپار، سرمائيڪاري، گڏيل رابطن ۾ واڌ تي اتفاق ٿيو آهي. ايندڙ 3 سالن دوران گڏيل واپار کي 5 ارب ڊالرن تائين وڌائڻ جي ڪوشش ڪنداسين. ترڪيه هميشه پاڪستان جو ساٿ ڏنو آهي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ٻنهي ملڪن جي حڪومت ۽ عوام هميشه مشڪل وقت ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪئي. ترڪ سرمائيڪار شمسي توانائي جي شعبي ۾ سرمائيڪاري ڪن. ترڪ سرمائيڪارن کي پن بجلي وارن منصوبن لاءِ دعوت ڏيون ٿا. پاڪستان، ايران ۽ ترڪيه وچ ۾ ريل روڊ نيٽ ورڪ منصوبو اهم ثابت ٿي سگهي ٿو وزيراعظم چيو ته ترڪي جي ٽيڪنالوجي ۽ پاڪستان جي گڏيل طاقت ٻنهي ملڪن لاءِ بهتر ثابت ٿي سگهن ٿيون. پاڪستان ۾ گذريل سال ٻوڏ سبب 3 ڪروڙ 30 لک ماڻهو بي گهر ٿيا. فصل تباهه ٿي ويا. تعميراتي ڍانچي کي وڏي پيماني تي نقصان پهتو. ٻوڏ سبب 30 ارب ڊالرن جو معاشي نقصان ٿيو. ترڪيه ڪشمير ڪاز جي هميشه غير مشروط حمايت ڪئي آهي. وزيراعظم شهباز شريف وڌيڪ چيو ته ڪشمير مسئلو گڏيل قومن جي قراردادن موجب حل ڪيو وڃي. پي ٽي آءِ چيئرمين کي ڪرپشن ۽ اختيارن کان مٿانهين الزامن هيٺ گرفتار ڪيو ويو. گذريل 4 سالن دوران اسان جي قيادت کي قيد ڪيو ويو. اسان نه احتجاج ڪيو نه تشدد جو ڪو واقعو ٿيو. پي ٽي آءِ چيئرمين جي هدايت تي شرپسندن ملڪ جي اهم تنصيبات کي نشانو بڻايو.

بقايا 03

ٿي رين جو انگ 29 ٿي ويو آهي جڏهن ته 200 کان وڌيڪ زخمي آهن. تفصيل موجب جون ۾ ٿيندڙ تيز طوفاني برسات خيبرپختونخواهه ۾ تباهي مچائي ڇڏي آهي ڪيترن ئي گهرن جون ڇتيون ۽ ڀتيون ڪري پيون. حادثن ۾ فوت ٿي ويلن جو انگ 25 ٿي ويو آهي جڏهن ته 200 کان وڌيڪ زخمي آهن. ريسڪيو اختيارين موجب سڀني کان وڌيڪ تباهي بنون ۾ ٿي جتي وڏا وڻ ۽ ڀتون ڪرڻ سبب 12 ڄڻا فوت جڏهن ته ٻارن سميت ڪيترائي زخمي ٿي پيا. لڪي مروت ۾ ڏيجارينڊڙ منظر نظر آيا اتي به مختلف حادثن ۾ 5 ڄڻا فوت ٿي ويا. ڪرڪ ۾ چار ڄڻا فوت ٿي ويا. ايبٽ آباد ۽ سوات ۾ به برسات تباهي مچائي ڇڏي. ٻئي طرف پنجاب ۾ تيز برسات دوران حافظ آباد ۾ ڇت ڪرڻ سبب هڪ ڄڻو فوت جڏهن ته ٻورنل ۾ ڇت ڪرڻ سبب 3 ٻارڙيون فوت ٿي ويون. پي ڊي ايم سمورن ضلعن ۾ تيز برسات سبب نقصانن جا رپورٽ طلب ڪري ورتا. پي ڊي ايم موجب هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مشينري ۽ عملي کي هاءِ الرٽ ڪيو ويو آهي. مختلف شهرن ۾ تيز طوفان سبب وڻ ۽ ٿنڀا ڪري پيا. جنهن سبب روڊ بند ٿي ويا. مواصلاتي ۽ بجلي جو نظام پڻ درهم برهم ٿي ويو ڪيترائي علائقا اونداهي ۾ ٻڏي ويا. اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي. ٻئي طرف ڊائريڪٽر جنرل ريسڪيو ٻڌايو ته خيبرپختونخواهه جي مختلف شهرن ڪرڪ، بنون ۽ لڪي مروت ۾ امدادي ڪاروايون

جاري آهن. ايبٽ آباد ۽ سوات ۾ به پاڻي جا تيز وهڪرا وهڻ لڳا. اسپتالن ۾ ايمرجنسي لڳي وئي آهي. طوفاني برسات جي تباهڪارين کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪ فوج سول انتظاميه ۽ عوام جي مدد لاءِ پهچي وئي. متاثر علائقن ۾ پاڪ فوج جون ٽيمون امدادي ڪاروائين ۾ مصروف آهن. ڪيترن ئي زخمين کي ضلعي اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 04

پيش ڪئي وئي آهي. اهي ماڻهو فلسطيني شهيدن جا وارث، زخمي ۽ قيدين جا گهرڀاتي آهن. پرڏيهي خبررسان اداري موجب سعودي عرب جي شاهه سلمان بن عبدالعزيز فلسطينين کي شاهي مهمان جي طور تي حج ڪرائڻ جا حڪم ڏنا آهن.

بقايا 05

ٿي ويندين. اسان ساليانو ترقياتي پلان جوڙيو هو. فوري طور تي روڊن جي مرمت لاءِ فنڊز جاري ڪيا ويندا. وڏي وزير چيو ته سامونڊي طوفان اڃا جو خطرو آهي. چيو پيو وڃي ته ڪراچي ۾ برساتون پونديون. جڏهن طوفان ڪناري تي پهچندو ته هوائن جي رفتار 89 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ تائين هوندي. پاڪ فوج سان به ڳالهيون ڪيون آهن ته ٺٽي سميت ٻين لاڳاپيل علائقن مان ماڻهن کي ڪيئن بچائي سگهجي ٿو ماڻهن لاءِ رهائش جو بندوبست ڪيو آهي. 2007 ۾ برساتون هن کان اڏ پيون هيون پر اسان سٺو ڪم ڪري ڏيکاريو سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ڪراچي جي ڪمشنر ضروري قدمن جو چيو آهي. هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪ فوج سان مڪمل رابطي ۾ آهيون. ماڻهو غيرضروري گهرن کان ٻاهر نه نڪرن. اسان ٻوڏ جي معاملي تي ٻاهرين ذريعن کان 2 ارب ڊالر حاصل ڪيا. ايتري وڏي رقم جو 4 مهينن ۾ انتظام ڏکيو ڪم آهي. وزيراعظم شهباز شريف ٻوڏ دوران 6 ڀيرا چڪر لڳايا. اڳ واري وزيراعظم کي اها به خبر نه هئي ته سنڌ ڪٿي آهي. مراد علي شاهه چيو ته سڄي سنڌ ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسلن جا چيئرمين ۽ ميئر پ پ جا هوندا. سنڌ ۾ جيڪا ترقي ٿي آهي ان جو سبب سنڌ ۾ استحڪام آهي. پنجن سالن کان هڪ ئي ناڻي وارو وزير رهيو، وفاق ۾ ناڻي وارا وزير تبديل ٿيندا رهيا آهن. استحڪام جي نشاني پيپلز پارٽي آهي. نالا رکڻ کان اڳ سوچي وٺڻ گهرجي ها. پ پ اڳواڻ چيو ته اسان ماڻهن کي رليف ڏيڻ چاهيو ٿي ڪافي حد تائين ڪامياب ٿياسين. ٻوڏ اچڻ کان پوءِ ڇهن کان پنجن مهينن تائين ترقياتي ڪم بند ٿي ويا هئا. ايندڙ سال هن کان به وڌيڪ بهتر هوندو. ٻوڏ دوران هڪ ملين ٽينٽ ورهايا ويا. جيئن ئي فلڊ ريليف تي ڪم شروع ڪيوسين ته اندازو هو ته پنهنجي فنڊز سان ڪم نه ڪري سگهنداسين. ٻوڏ سبب تباهه ٿيندڙ سمورا روڊ اسان کي بهتر تيار ڪرائڻا پيا. وڏي وزير چيو ته بجيٽ ۾ ايجوڪيشن لاءِ 35 ارب روپيه رکيا آهن ايريگيشن لاءِ 25 ارب، هائوسنگ لاءِ 25 ارب روپيه رکيا ويا آهن. ايندڙ سال جي بجيٽ ۾ فنانس جي اسڪيمن لاءِ 182 ارب روپيه رکيا ويا آهن. ڪراچي ۾ 701 ملين جي پرڏيهي فنڊنگ جون اسڪيمون آهن. سنڌ ڪلڪ پروجيڪٽ لاءِ 127 ارب جي ايلوڪيشن جيڪا لوڪل گورنمنٽ ايگزيڪيوٽ ڪندي. ريلوي لائين جي پروجيڪٽ تي 27 ارب روپين جي ايلوڪيشن آهي. مراد علي شاهه چيو ته ڪراچي ۾ اين آءِ ايڇ کي گرانٽ ڏيون ٿا. ڪراچي ۾ جي بي ايم سي کي گرانٽ ڏيون ٿا. اين آءِ سي وي ڊي کي گرانٽ ڏيون ٿا. انڊس اسپتال کي 4 ارب روپيه گرانٽ ڊولپمينٽ جي مد ۾ ڏئي رهيا آهيون. 255 ارب روپين جي لاڳت سان پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ تحت منصوبا هلي رهيا آهن.

بقايا 06

هٿيار ۽ بارودي مواد به هٿ آيو آهي. سيڪيورٽي فورسز ڳجهي طريقي سان دهشتگردن جي ٺڪاڻي جو پتو لڳايو. پاڪ فوج جي شهيد ٿي ويلن ۾ صوبيدار اصغر علي، سپاهي نسيم خان ۽ سپاهي محمد زمان شامل آهن. شهيد صوبيدار اصغرعلي جي عمر 40 سال ۽ ان جو تعلق لڪي مروت سان هو سپاهي نسيم خان شهيد جي عمر 26 سال ۽ ان جو تعلق به لڪي مروت سان هو سپاهي محمد زمان شهيد جي عمر 22 سال جڏهن ته ان جو تعلق ايبٽ آباد سان هو. آءِ ايس پي آر موجب پاڪ فوج جي شهيد جوانن دهشتگردن جو جرئت ۽ بهادري سان مقابلو ڪيو علائقي ۾ موجود دهشتگردن جي خاتمي لاءِ آپريشن جاري آهي. پاڪستاني هٿياربند فوج دهشتگردي جي ناسور کي جڙ کان خاتمي لاءِ پرعزم آهي. بهادر جوانن جي لازوال قربانيون اسان جي ارادن کي وڌيڪ مضبوط ڪنديون آهن.

بقايا 07

جي گنجائش آهي، نه قانون جي. صرف تڪبر، انا، ضد ۽ مڪاري ڀريل آهي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي وفاقي وزير مريم اورنگزيب عمران خان کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته 9 مئي تي فوجي ٺڪاڻن، شهيدن جي يادگارن تي حملا به ان لاءِ ڪرايا ويا چو ته هو هن جي ٻڌي نه رهيا هئا؟ هن چيو ته هڪ شخص جي دماغ ۾ نه آئين جي گنجائش آهي، نه قانون جي. نه انسانيت ۽ نه ئي اخلاقيات جي صرف تڪبر انا، ضد ۽ مڪاري ڀريل آهي. جلسي ۾ الزام لڳائيندو آهي پوءِ معافي گهري آمريڪا ۾ لابي ڪمپنيون ناهيندو آهي. اطلاعات واري وزير چيو ته سياستدانن سان ڳالهيون سياستدان ۽ جمهوري شخص ڪندو آهي. اصل ۾ هن کي گولا ڪلهي ۽ بيساکي جي سهاري جي آهي. جيڪو هاڻ ڪيس نه ملي سگهندو. پرڏيهي فنڊنگ، تيريان، 190 ملين پائونڊ القادر ٽرسٽ جهڙين چورين، ڌاڙن ۽ ڏوهن کان ڇوٽڪاري ڪان هن کي اين آر او جي ضرورت آهي. پر هاڻ اها طلسمياتي سهوليت هن کي نه ملندي.

بقايا 08

ڪيا ويا آهن. اليڪشن ڪميشن ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي مرتضيٰ وهاب چيو ته جماعت اسلامي اعتراض داخل ڪيا پر اليڪشن ڪميشن ان کي رد ڪري ڇڏيو مرتضيٰ وهاب جو چوڻ آهي ته جماعت اسلامي کي پيپلزپارٽي جو مينڊيٽ قبول ڪرڻ گهرجي. اسان اڄ به ڪراچي لاءِ بغير ڪنهن پوزيشن جي ڪم ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته طوفان جي حوالي سان به قدم کنيا پيا وڃن. جيڪو به ڪراچي جو ميئر بڻجي اهو اختيارين تي نه روئي رڳو ڪم ڪري. پيپلزپارٽي جي اڳواڻ جو چوڻ آهي ته مڪاني چونڊن جي شيڊول جي اعلان کان اڳ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ ۾ ترميم ڪئي وئي، 15 جون تي ٿيندڙ چونڊن تي ڪنهن کي به اثر انداز ٿيڻ نه گهرجي.

بقايا 09

لڪير کان هيٺ اچي چڪو آهي. اڳوڻي ناڻي واري وزير حفيظ پاشا خانگي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي چيو ته ملڪ ۾ 10 ڪروڙ ماڻهو غربت جي ليڪ کان هيٺ وڃي چڪا آهن. پاڪستان جي ناڻي جا مٽا سٽا وارا ذخيرا 4 ارب ڊالرن کان به هيٺ هليا ويا آهن. بجيٽ ۾ ناڻي واري وزير اسحاق ڊار طرفان ڪو پلان يا اسٽريٽجي ناهي ڏني وئي، سندس چوڻ هو ته بجيٽ جنهن انداز ۾ پيش ڪئي وئي هئي ته پاڪستان جي ماڻهن کي مطمئن ڪيو ويندو. اسان اميد ڪريون پيا ته اسحاق ڊار شروعات ۾ ئي ٻڌائيندو ته اسان ڏيوالي جي دلدل مان نڪري چڪا آهيون ڪيس بجيٽ جي شروعات ۾ ئي اسٽريٽجي يا ڪو پلان پيش ڪيو هو پر ائين نه ٿيو حفيظ پاشا چيو ته ناڻي واري وزير کي پاڪستان جي واپارين ۽ ڪاروبارين کي مطمئن ڪرڻ گهرجي ها. بجيٽ دستاويز ۾ جيڪو ڪجهه ٻڌايو ويو گهٽ ۾ گهٽ ان بابت عوام کي ته آگاهه ڪرڻ گهرجي ها.

بقايا 10

تنقيد جو نشانو بڻائيندي مولانا فضل الرحمان جو چوڻ هو ته جي يو آءِ 4 سال احتجاج ڪري پي ٽي آءِ چيئرمين جي پراجيڪٽ کي پوري ڇڏيو. 4 سالن ۾ ملڪي معيشت سان راند کيڏي وئي هن چيو ته جميعت علماءِ اسلام ايندڙ چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺندي. پي ڊي ايم جماعتن سان سيٽ ايڊجسٽمينٽ ڪري سگهجي ٿي. مولانا فضل الرحمان جو اهو به چوڻ هو ته حڪران اتحاد مالي ڏکيائين جي باوجود بجيٽ ۾ عوام کي گهڻو رليف ڏيڻ لاءِ قدمن جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا 11

آءِ سي اسپتال ۾ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير جو ڊاڪٽرن طبي معائنو ڪيو ۽ ضروري ٽيسٽ پڻ ڪيا ويا. چوڌري پرويز الاهي کي جي پي آءِ سي ٽيسٽ ڪرائڻ کان پوءِ ٻيهر جيل منتقل ڪيو ويو. سندس هڪ اي سي جي ۽ ايڪو ڪارڊيو سميت ٻيا ٽيسٽ پڻ ڪيا ويا. ياد رهي ته پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير چوڌري پرويز الاهي جعلي ڀرتين جي ڪيس ۾ جوڊيشل ريمانڊ تي هن وقت جيل ۾ آهي.

بقايا 12

تفصيل موجب هيڊ ڪانسٽيبل رحمت الله ۽ عبدالحڪيم ڦورن جي موجودگي جي اطلاع تي سهراب ڳوٺ انڊس پلازه ويجهو پهتا ته ڦورن اڻڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني جنهن سبب ٻئي اهلڪار موقعي تي شهيد ٿي ويا. اختيارين موجب ڦورن 2 هٿيارن سان پوليس تي فائرنگ ڪئي ۽ واردات کان پوءِ پستول ڇڏي فرار ٿي ويا. واقعي جي جيوفينسنگ شروع ڪئي وئي آهي. پوليس موجب واقعي واري هنڌان 4 خول نائن ايم ايم ۽ چار خول 30 بور پستول جا مليا آهن جڏهن ته جوابدار پنهنجو هڪ نائن ايم ايم پستول ڇڏي فرار ٿي ويا. پوليس اختيارين موجب مختلف رخن کان واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي. پوليس اهلڪارن جي شهادت جو ڪيس سرڪار جي مدعيت ۾ داخل ڪيو ويو. ايف آءِ آر موجب پوليس اهلڪار شعلي گينگ جي موجودگي جي اطلاع تي پهتا هئا ته جوابدارن انهن کي نشانو بڻايو. سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري ۽ وڏي وزير مراد علي شاهه واقعي جو نوٽيس وٺندي آءِ جي کان رپورٽ طلب ڪندي جوابدارن کي جلد کان جلد گرفتار ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 13

فاشسٽ جماعت آهي بلاول ڀٽو جي فاشسٽ پارٽي کي ڪراچي تي قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته جنهن جي اڪثريت آهي ان کي تسليم ڪيو وڃي ان سان صوبي ۽ ملڪ جي ڀلائي آهي ڪراچي جي مينڊيٽ تي قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين هن چيو ته اليڪشن ڪميشن کي پتو نه آهي ته حلقابنديون ۽ ووٽرلسٽون جعلي آهن. ڪالهه به ڪجهه چيئرمين غائب ٿي ويا هئا سيٽن جي لحاظ کان جماعت اسلامي جو انگ وڌيڪ هو آر اوز جي ذريعي اسان جي اڪثريت ختم ڪئي وئي. حافظ نعيم الرحمان چيو ته اليڪشن ڪميشن کي پتو نٿو پوي ته اليڪشن ڪميشن يرغمال بڻجي رهيو آهي اليڪشن ڪميشن سڀ ڏسي رهيو آهي ڪو فرق نٿو پوي هن چيو ته رڳو 6 يوسيز جا ڪيس سپريم ڪورٽ کڻي وڃي رهيا آهيون پيپلزپارٽي جا 11 نمبر گهٽ ٿيندا ۽ اسان جا 40 وڌندا 3 لک ووٽ تي چون ٿا ته اسان اڳتي آهيون پيپلزپارٽي وٽ هڪ ئي آپشن آهي قبضي جو حافظ نعيم الرحمان پيپلزپارٽي جي قيادت کي مخاطب ٿيندي چيو ته ڏاڍلي جي باوجود به اوهان جا نمبر پورا نه آهن هي سيٽن ۾ به هارائي ويا ۽ ووٽن ۾ به اوهان پلي ڇا به چئو اوهان هڪ فاشسٽ پارٽي آهيو جمهوريت ۾ سوديبازي ڪيئن ٿي سگهي ٿي هن چيو ته چونڊيل نمائندن کي اغوا ڪيو وڃي ٿو ڪالهه به هڪ چيئرمين لاپته ٿي ويو سنڌ هاءِ ڪورٽ جو حڪم آهي ته گم ٿيل چيئرمينن کي 15 جون تي پيش ڪيو وڃي جمهوريت ۾ سوديبازي ڪيئن ٿي رهي آهي هن چيو ته تحريڪ انصاف اسان جي حمايت ڪئي جنهن کان پوءِ 9 لک ووٽ ٿي ويا اوهان سادا 3 لک ووٽ تي چئي رهيا آهيو ته ڪراچي ووٽ ڏنو آهي

بقايا 14

جي ترجمان موجب پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڀيڻ ڊاڪٽر عظميٰ خان اربين روپين جي زمين فراڊ ذريعي صرف 13 ڪروڙ روپين ۾ خريد ڪئي. ڊاڪٽر عظميٰ خان خلاف ضلعي ليهه ۾ 5261 ڪنال زمين غيرقانوني طور تي خريد ڪرڻ جو الزام آهي. ترجمان موجب زمين فراڊ ۽ جعلسازي ذريعي 22_2021ع ۾ خريد ڪئي وئي. ڊاڪٽر عظميٰ خان مڙس احد مجيد سان ملي جعلسازي ذريعي زمين منتقل ڪئي. غيرقانوني طريقي سان خريد ڪيل زمين ڊاڪٽر عظميٰ پنهنجي ۽ پنهنجي مڙس احد جي نالي ڪئي. ترجمان موجب ڌوڪي سان خريد ڪيل زمين جي ماليت 6 ارب روپين کان وڌيڪ آهي. اها زمين تڏهن خريد ڪئي وئي جڏهن ايشين ڊولپمينٽ بينڪ گريٽر ٿل ڪئنال منصوبي جو اعلان ڪيو هو ان منصوبي تحت ٿل ڪئنال ذريعي بنجر بيٺل زمينن کي آباد ڪرڻ هو ترجمان ٻڌايو ته ڊاڪٽر عظميٰ خان کي ٿل ڪئنال منصوبي جي اڳ ئي خبر هئي. ڊاڪٽر عظميٰ خان ۽ سندس مڙس مالڪن کان زبردستي زمين خريد ڪري پنهنجي نالي منتقل ڪئي. جنهن تي زمين جي مالڪن ڊاڪٽر عظميٰ ۽ ٻين خلاف مقامي ٿاڻي ۾ زمين زبردستي خريد ڪرڻ جي شڪايت داخل ڪئي

هئي، اينٽي ڪرپشن ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته ڪجهه مقامي ماڻهن جسٽس آف پيس ۾ به درخواستون ڏنيون هيون. فراڊ ذريعي خريد ڪيل زمين جو بعد ۾ غيرقانوني طور تي قبضو ورتو ويو.

بقايا 15

ويو آهي. موسميات کاتي نئون الرٽ جاري ڪندي چيو آهي ته طوفان بائپرجواءِ جي حوالي سان يارهون الرٽ جاري ڪيو ويو آهي جنهن موجب وچ اوڀر ۽ عرب سمنڊ ۾ سامونڊي طوفان وڌيڪ شدت اختيار ڪري ويو آهي انتهائي شديد نوعيت ۾ تبديل ٿيندڙ طوفان جو رخ گذريل 12 ڪلاڪن دوران لاڳيتو اتر طرف وڌي رهيو آهي. موسميات کاتي طرفان جاري ڪيل الرٽ موجب سامونڊي طوفان بائپر هن وقت ڪراچي کان 760 ڪلو ميٽر، ٺٽي کان 740 ڪلو ميٽر جڏهن ته اوماڙا کان 840 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي موجود آهي. 150 کان 160 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هوائون هلي رهيون آهن جڏهن ته طوفان سان گڏ موجود هوائن جي رفتار 180 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ کان به وڌي رهيون آهن. موسميات کاتي موجب سامونڊي طوفان 12 ڪلاڪن دوران اتر اولهه ۽ اتر طرف وڌي رهيو آهي. ان ٽريڪ ۾ عمان ۽ پاڪستان جا ساحلي علائقا اچن ٿا. طوفان جي مرڪز ۽ ڀرپاسي هوائن جي رفتار 130 کان 140 ڪلو ميٽرز في ڪلاڪ آهي. موسميات کاتي سنڌ ۽ بلوچستان جي مهاڻن کي اونهي سمنڊ ۾ نه وڃڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 16

جو انجڻ لهي وڃڻ ڪري فريد ايڪسپريس کي گهوٽڪي ۽ خيبر ميل ايڪسپريس کي پنوعاقل تي روڪڻ بعد منزل طرف روانو ڪيو ويو. پاڪستان ريلويز اختيارين موجب ڪراچي ويندڙ فريد ايڪسپريس کي منزل طرف روانو ڪيو ويو آهي. ٽرين جي انجڻ پٽڙي تان لهڻ سبب ڪنهن به قسم جو جاني نقصان نه ٿيو آهي، سمورا مسافر محفوظ آهن جڏهن ته لاهور کان ڪراچي ويندڙ گرين لائين ايڪسپريس جو ريسڪيو آپريشن مڪمل ڪيو ويو آهي ريسڪيو آپريشن مڪمل ٿيڻ بعد گرين لائين ايڪسپريس به پنهنجي منزل طرف رواني ٿي وئي آهي.

بقايا 17

ويندو ته واٽر بورڊ جي وصولي کي بهتر ڪيو وڃي، اهڙن خيالن جو اظهار هن نارٿ ايسٽ ڪراچي فلٽر پلانٽ سعدي ٽائون ۾ سينيئر صحافين، چيف ايڊيٽرز، ايڊيٽرز، چيف رپورٽر ۽ رپورٽرن کي واٽر بورڊ جي مڪمل ٿيل ۽ هلندڙ منصوبن بابت آگاهي ڏيندي ڪيو. سندس چوڻ هو ته ادائيگيون نه ڪندڙن جي مڪمل فهرست ۽ انهن کان وصولي ڪرڻ جو طريقيڪار تيار ڪيو ويو آهي. عام شهرين لاءِ پاڻي ۽ سيوريج جي شڪايتن جي فوري طور تي ازالي لاءِ ڊجيٽل شڪايتي مرڪز متعارف ڪرايو پيو وڃي. هن چيو ته ٽائون سطح تي آئوٽ سورسنگ ڪنٽرول ذريعي سهولتن کي بهتر بڻايو پيو وڃي. ڪراچي جي موجود 26 ٽائون ۾ قابل ٺيڪيدار واٽر ڪارپوريشن جي سرپرستي هيٺ اهي فرض سرانجام ڏيندا. وصولي کي ضلعي سطح تي آئوٽ سورس ڪيو ويندو ته جيئن روينيو کي وڌايو وڃي جڏهن ته مختلف صوبائي ۽ وفاقي ادارن مٿان واٽر بورڊ جون 12 ارب روپين جون رهتون رهيل آهن. ايم ڊي واٽر بورڊ جو چوڻ هو ته بلڪ ۽ رٽيلر ڪنزيومرز مٿان 38 ارب جون بقاياتون رهيل آهن. بقاياتون ملڻ جي صورت ۾ اها رقم ڀهريان ملازمن کي واجبات جي مد ۾ ڏني ويندي. ان موقعي تي سي او او واٽر بورڊ انجنيئر اسدالله خان سميت واٽر بورڊ جا ٻيا اعليٰ عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا 18

اسٽيڊيم ڪار مارڪيٽ ۾ مقتول ڪرامت علي پنهنجي دڪانن جو ڀاڙو وصول ڪرڻ پهتو ته سندس ٻن پٽن اتي اچي هن تي فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ هو ڦٽجي ٿي ئي مارجي ويو جڏهن ته جوابدار فرار ٿي ويا. پوليس موجب مقتول پنهنجي ٻنهي پٽن مدثر ۽ اسد کي زمين ڏئي ڇڏي هئي. پٽ دڪان ۽ ٻي ملڪيت به وٺڻ چاهين پيا جنهن جي تڪرار تي پٽن پيءُ کي قتل ڪري ڇڏيو پوليس ڪيس داخل ڪري جوابدارن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 19

سندس ماءُ چمپا شرما ۽ پيءُ دليپ ڪمار هنجون هاريندي ڌيءُ سندن حوالي ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي سندس امڙ ۽ پيءُ ٻڌايو ته اغوا بعد گهر جو چلهو ناهي ٻريو. جيجل ماءُ نينگري جي مبينا اغوا واري واقعي ۾ ملوث جوابدار اختر گبول کي پٽون ۽ پارا ٿا ڏيندي چيو آهي ته استاد شاگردياڻي جو ماءُ ۽ پيءُ جو رشتو هوندو آهي

اختر گبول استاد جي مان مرتبي کي لڄايو آهي. اسان والدين اعتبار ڪري پنهنجون نياڻيون تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڇڏيون ٿا پر جوابدار استاد جي روپ ۾ بگهڙ وارو ڪردار ادا ڪيو آهي نينگري سوهاڻا شرما جي امڙ ۽ سندس پيءُ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس توڙي وس وارن کان گهر ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته اسان جي نياڻي کي سيف هائوس رهائڻ بدران اسان جي حوالي ڪيو وڃي.

بقايا 20

گهر ۾ مئل حالت ۾ ملي ۽ سندس ڀيڻ ڀائرن جي به غريب هجڻ سبب علائقي واسين سندس تدفين ڪئي. پرڏيهي ميڊيا موجب مرڻ کان 10 ڏينهن بعد جڏهن عورت جي گهر جي تلاشي ورتي وئي ته اتان 10 لک پائونڊ مليا جيڪي گهر جي صحن ۾ هڪ ٿيلهي ۾ لڪايا ويا هئا. رپورٽن موجب ٿيلهي ۾ گهڻو ڪري سڪا ۽ ڪجهه نوٽ هئا جنهن بعد ماڻهن رقم کي عورت جي پنجن ڀيڻن ڀائرن ۾ ورهائي ڇڏيو پرڏيهي ميڊيا موجب واقعي بعد مقامي ماڻهن پينو فقيرياڻي وٽان ايڏي وڏي رقم هٿ اچڻ تي حيرت جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا 21

وفاقي وزير احسن اقبال چيو ته اسان اها بجيٽ سڄي سال لاءِ بڻائي آهي. اليڪشن کان پوءِ نهندڙ حڪومت بجيٽ ۾ ردوبدل به ڪري سگهي ٿي. احسن اقبال چيو ته پاڪستان آءِ ايم ايف جو سمورين شرطن پوريون ڪري چڪو آهي پر ان جي باوجود نائين جائزي ۾ دير جو سبب سمجهه کان ٻاهر آهي.

بقايا 22

فائر ڪري زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو پوليس ٻنهي جا لاش قلڪارا تعلقه اسپتال ماتلي کڻائي آئي جتي سندن پوسٽ مارٽم ڪيو ويو ٻئي طرف ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي اعظم چانڊيو جو شهرو تاج محمد اعظم کي پنهنجي گهرواري ثمرين سان ملڻ نه ڏيندو هو ۽ نه گهر ڇڏيندو هو جنهن جي ڪري اعظم ڪاوڙ ۾ اچي ڪين قتل ڪيو ۽ پاڻ مٿان به فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو

بقايا 23

جهاز "پيور پوائنٽ" ڪراچي بندرگاهه تي پهچي ويو. 183 ميٽر ڊگهي روسي جهاز ۾ 45 هزار ميٽرڪ ٽن تيل آهي. سامونڊي طوفان کان اڳ جهاز ڪراچي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. شپنگ ذريعن ٻڌايو ته روسي ڪچي تيل جو جهاز ڪراچي پورٽ جي آئل پيئر 2 تي تيل لاهيندو ۽ جهاز کي اج ٿئي ڪراچي پورٽ جي برٿ تي لڳايو ويندو.

بقايا 24

اسان ڪنهن به سياسي پارٽي، ڪنهن سياسي اڳواڻ تي پابندي لڳائڻ جي حق ۾ ناهيون. جن سان زيادتي ڪئي وئي آهي انهن جو ازالو ڪيو وڃي. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جاويد لطيف چيو ته مون کي خدشا آهن ته چونڊون وقت تي ٿيڻ گهرجن. اسان جو مطالبو آهي ته چونڊن لاءِ سڀني کي برابري واري جڳهه ڏني وڃي. هن چيو ته جيڪڏهن پاڪستان کي مستحڪم ڪرڻو آهي ته قوم کي مڪمل سچ ٻڌائڻو پوندو. هن وقت قوم کي متحد ٿيڻ جي ضرورت آهي. قوم ڄاڻڻ چاهي ٿي ته دهشتگرد ۽ سياستدان جي تعريف ڇا آهي. 9 ۽ 10 مئي جي واقعن جي سمورن ڪردارن کي بي نقاب ڪيو وڃي. جاويد لطيف چيو ته نوازشريف کي پاڪستان تي رحم ڪائيندي ڪيس آندو وڃي. اسان جو ڪنهن سان ڪو به معاملو ناهي. ڊيل هميشه عوام سان ٿيندي آهي. مسلم ليگ (ن) پنهنجي پليٽ فارم تان اليڪشن وڙهندي. مسلم ليگ ن اڳواڻ اهو به چيو ته عدليه کي ارشد شريف جي ماءُ جو آواز ٻڌڻ گهرجي. قتل قتل آهي. قاتل قاتل آهي. ڏوهه سڀني جو هڪ جهڙو آهي. جيڪو به ڏوهي آهي ان کي سزا ملڻ گهرجي.

بقايا 25

پوليس ٻنهي مغوين رفيق باجڪاڻي ۽ ارشاد باجڪاڻي کي ڇڏي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. هٿياربندن جي فائرنگ سبب بڪتر بند گاڏي کي ٻڻ سخت نقصان پهتو آهي. ٻئي طرف ڪشمور پوليس جو ڌاڙيلن خلاف سرچ آپريشن جاري آهي. هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي ڊي ايس پي ڪشمور محمد صادق اوڍو ٻڌايو ته ملڪ لاڙو پرسان انڊس هاءِ وي تي هٿياربند رفيق باجڪاڻي ۽ ارشاد باجڪاڻي کي اغوا ڪري کڻي ويا هئا. اهڙي اطلاع بعد پوليس پاران ڌاڙيلن جو پيڇو ڪيو ويو پوليس طرفان ڌاڙيلن جو گهيرو تنگ ڪرڻ کان پوءِ ڌاڙيل ٻنهي مغوين کي ڇڏي فرار ٿي ويا. هن چيو ته امن امان جي بحالي اسان جي اولين ترجيح آهي.

بقايا 26

۾ چيو آهي ته ڪڏڻ فقيرن جي قتل ۽ انهن تي تشدد جي واقعن ۾ لاڳيتو واڌ ٿي رهي آهي ۽ پوليس ڪڏڻ فقيرن کي تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام آهي. هن چيو ته پوليس ڪڏڻ فقيرن تي تشدد ڪندڙن سان مليل آهي جڏهن ته ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ ۾ به ڪڏڻ فقيرن کي ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن. سندس چوڻ هو ته پوليس جي رويي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻاهران ڌرڻو ڏينداسين جنهن ۾ سڄي صوبي جا ڪڏڻ فقير شريڪ ٿيندا.

بقايا 27

ڪندي شهزادي فيصل بن فرحان چيو ته چين 430 ارب ڊالرن سان گڏ عرب ملڪن جو سڀ کان وڏو واپاري ڀائيوار آهي. هن چيو ته صنعتڪاري، سائنس، مواصلات ۽ گرين ٽيڪنالوجي کي وڌ کان وڌ هٿي ڏينداسين. عرب ميڊيا موجب ان موقعي تي سعودي جي پرڏيهي وزير عرب ملڪن ۽ چين وچ ۾ ڀائيواري ۽ سهڪار وڌائڻ تي زور ڏنو عرب ميڊيا چيو ته ٻن ڏينهن جي ڪانفرنس ۾ 40 ارب ڊالرن کان وڌيڪ معاهدن تي صحيحون ٿيڻ جو امڪان آهي.

بقايا 28

کان پاسو ڪن. نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي جي اعلان موجب سامونڊي طوفان بپرجوئي 140 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان پاڪستان جي ساحلي پٽي ڏانهن وڌي رهيو آهي. اين ڊي ايم اي جي ترجمان جو چوڻ آهي ته بائيپرجوئي ڪراچي جي ڏکڻ ۾ موجود آهي، جيڪو ايندڙ 24 ڪلاڪن ۾ شدت اختيار ڪري سگهي ٿو. ترجمان جو چوڻ آهي ته سامونڊي طوفان 13 جون تائين سنڌ جي ڏاکڻي ۽ ڏکڻ اوڀر وارن علائقن کي متاثر ڪرڻ جو امڪان آهي. هن چيو آهي ته سامونڊي طوفان جي ڪري ساحلي علائقن ۾ تيز هوائون ۽ طوفاني برسات پئجي سگهي ٿي. اين ڊي ايم اي جي ترجمان جو چوڻ آهي ته موسميات کاتو صوبائي ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اختيارين ۽ لاڳاپيل ادارن سان رابطي ۾ آهي. سمورن ادارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو ڪنهن به قسم جي ايمرجنسي کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهن. ترجمان اهو به چيو آهي ته ماهيگير به کليل سمنڊ ۾ وڃڻ کان پاسو ڪن. ڪنهن ايمرجنسي جي صورت ۾ مقامي انتظاميا جي هدايتن تي عمل ڪيو وڃي.

بقايا 29

آهي چيف ميٽرولاجسٽ سردار سرفراز جو چوڻ آهي ته طوفان بائپرجواءِ جي اثر سبب ڪراچي ۾ گرمي جي شدت ۾ اضافي جو امڪان آهي چيف ميٽرولوجسٽ سردار سرفراز موجب طوفان بائپر جواءِ ڪراچي جي ڏکڻ کان 760 ڪلوميٽر پري آهي جڏهن ته ڪمشنر ڪراچي پاران حڪم تي عملدرآمد لاءِ لاڳاپيل ادارن کي خط لکي چيو ويو آهي ته انساني جانيون محفوظ بڻائڻ لاءِ ڪمزور وڻ وڍيا وڃن سامونڊي طوفان جي خطري کي نظر ۾ رکندي ڪمشنر ڪراچي شهر مان بل بورڊ ۽ سائن بورڊ سميت اشتهاري مواد هٽائڻ جو پڻ حڪم ڏنو ويو آهي

بقايا 30

جميل ٻرڙو ۽ آصف آرائين کي 16 ڏينهن اڳ ڪرمپور گرڊ اسٽيشن تان ڌاڙيلن اغوا ڪيو هو عبدالرحيم ۽ ابراهيم جعفري کي 3 هفتا اڳ ڌاڙيلن ڳوٺ احمد علي ڪلهوڙو مان ٽيوب تان اغوا ڪيو هو ناپرڪوٽ پوليس موجب ڳجهي اطلاع تي ڪچي ۾ ڪاروائي ڪئي ته ڌاڙيل سان مقابلو ٿي پيو پوليس جي جوابي فائرنگ

بعد ڌاڙيل مغوين کي ڇڏي فرار ٿي ويا مغوين جي بازيابي کان پوءِ وارثن ۾ خوشي جي لهر ڇانئيل آهي. هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي ايس ايس پي شڪارپور امجد شيخ ٻڌايو ته ناپرڪوٽ جي ڪچي واري علائقي ۾ ڌوهارين خلاف آپريشن دوران 4 ڄڻن کي بازياب ڪرائي ورتو آهي اغوا ٿيل غوثپور واسي عبدالرشيد ملڪ جي بازيابي تائين آپريشن جاري رهندو. جلد اغوا ٿيل غوثپور واسي مغوي کي بازياب ڪرائي جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو شڪارپور ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر آهي ڪنهن به ڌوهاري سان رعايت نه ٿيندي.

بقايا 31

ٿي ويندين. اسان ساليانو ترقياتي پلان جوڙيو هو. فوري طور تي روڊن جي مرمت لاءِ فنڊز جاري ڪيا ويندا. وڏي وزير چيو ته سامونڊي طوفان اڃا جو خطرو آهي. چيو پيو وڃي ته ڪراچي ۾ برساتون پونديون. جڏهن طوفان ڪناري تي پهچندو ته هوائن جي رفتار 89 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ تائين هوندي. پاڪ فوج سان به ڳالهيون ڪيون آهن ته ٺٽي سميت ٻين لاڳاپيل علائقن مان ماڻهن کي ڪيئن بچائي سگهجي ٿو ماڻهن لاءِ رهائش جو بندوبست ڪيو آهي. 2007 ۾ برساتون هن کان اڏ پيون هيون پر اسان سٺو ڪم ڪري ڏيکاريو سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ڪراچي جي ڪمشنر ضروري قدمن جو چيو آهي. هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪ فوج سان مڪمل رابطي ۾ آهيون. ماڻهو غيرضروري گهرن کان ٻاهر نه نڪرن. اسان ٻوڏ جي معاملي تي ٻاهرين ذريعن کان 2 ارب ڊالر حاصل ڪيا. ايتري وڏي رقم جو 4 مهينن ۾ انتظام ڏکيو ڪم آهي. وزيراعظم شهباز شريف ٻوڏ دوران 6 ڀيرا چڪر لڳايا. اڳ واري وزيراعظم کي اها به خبر نه هئي ته سنڌ ڪٿي آهي. مراد علي شاهه چيو ته سڄي سنڌ ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسلن جا چيئرمين ۽ ميئر پ پ جا هوندا. سنڌ ۾ جيڪا ترقي ٿي آهي ان جو سبب سنڌ ۾ استحڪام آهي. پنجن سالن کان هڪ ئي ناڻي وارو وزير رهيو، وفاق ۾ ناڻي وارا وزير تبديل ٿيندا رهيا آهن. استحڪام جي نشاني پيپلز پارٽي آهي. نالا رکڻ کان اڳ سوچي وٺڻ گهرجي ها. پ پ اڳواڻ چيو ته اسان ماڻهن کي رليف ڏيڻ چاهيو ٿي ڪافي حد تائين ڪامياب ٿياسين. ٻوڏ اچڻ کان پوءِ ڇهن کان پنجن مهينن تائين ترقياتي ڪم بند ٿي ويا هئا. ايندڙ سال هن کان به وڌيڪ بهتر هوندو. ٻوڏ دوران هڪ ملين ٽينٽ ورهايا ويا. جيئن ئي فلڊ ريليف تي ڪم شروع ڪيوسين ته اندازو هو ته پنهنجي فنڊز سان ڪم نه ڪري سگهنداسين. ٻوڏ سبب تباهه ٿيندڙ سمورا روڊ اسان کي بهتر تيار ڪرائڻا پيا. وڏي وزير چيو ته بجيٽ ۾ ايجوڪيشن لاءِ 35 ارب روپيه رکيا آهن ايريگيشن لاءِ 25 ارب، هائوسنگ لاءِ 25 ارب روپيه رکيا ويا آهن. ايندڙ سال جي بجيٽ ۾ فنانس جي اسڪيمن لاءِ 182 ارب روپيه رکيا ويا آهن. ڪراچي ۾ 701 ملين جي پرڏيهي فنڊنگ جون اسڪيمون آهن. سنڌ ڪلڪ پروجيڪٽ لاءِ 127 ارب جي ايلوڪيشن جيڪا لوڪل گورنمنٽ ايگزيڪيوٽ ڪندي. ريلوي لائين جي پروجيڪٽ تي 27 ارب روپين جي ايلوڪيشن آهي. مراد علي شاهه چيو ته ڪراچي ۾ اين آءِ ايڇ کي گرانٽ ڏيون ٿا. ڪراچي ۾ جي بي ايم سي کي گرانٽ ڏيون ٿا. اين آءِ سي وي ڊي کي گرانٽ ڏيون ٿا. انڊس اسپتال کي 4 ارب روپيه گرانٽ ڊولپمينٽ جي مد ۾ ڏئي رهيا آهيون. 255 ارب روپين جي لاڳت سان پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ تحت منصوبا هلي رهيا آهن.

بقايا سنڌيار 01

هن سال به نواب شاهه جي دي سٽي اسڪول ڪيمپس ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مهمان خاص ڊي آئي جي پوليس شهيد بينظيرآباد محمد يونس چانڊيو شرڪت ڪئي ان موقعي تي تقريب جي شروعات معصوم جهڙي گلڙن ٽيبلوز پيش ڪري ڪيو ان موقعي تي پوزيشن ماڻيندڙ شاگرد ۽ شاگرديائين کي پنهنجن والدين سان گڏ اسٽيج تي گهرائي آيل مهمان ڊي آئي جي پوليس محمد يونس چانڊيو .اسڪول جي پرنسپل ظفرالله چانڊيو شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ان موقعي مهمان خاص محمد يونس چانڊيو تقريب سان خطاب ڪندي چيو ته اڄ هن تقريب ۾ شرڪت ڪري تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ۽ تعليم سان گڏ ٻارڙن جي حوصلا افزائي ڪرڻ واريون اهڙي قسم جون تقريبون ٿيڻ سان والدين کي پڻ فخر محسوس ٿئي ٿو سالانه گريجوئيشن رنگا رنگ تقريب ۾ آيل مهمان خاص ڊي آئي جي پوليس شهيد بينظيرآباد محمد يونس چانڊيو کي دي سٽي اسڪول نواب شاهه ڪيمپس جي پرنسپل ظفرالله چانڊيو سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ اعزازي شيلڊ ڏني. جڏهن ته والدين ٻاران پنهنجي ٻارڙن جي اسٽيج تي پرفارمنس ڏسي تمام خوشي ۽ فخر محسوس ڪندي چيو ته هن اسڪول جي پڙهائي ۽ ماحول تمام بهترين آهي ۽ هن اسڪول جي شروعات ڪان ئي پڙهائي سان گڏ ٻارڙن کي اعلي تعليم سان گڏ بهترين ماحول ڏيڻ اولين ترجيح آهي.

بقايا سنڌيار 02

خان جي 112 ايڪڙ زمين هئي جيڪا منهنجي ڏاڏي محمد عثمان جمالي طرفان حصي ۾ مليل هئي. هن چيو ته منهنجي پيءُ جون به شاديون ٿيل هيون. ان جي ٻي گهرواري جو پٽ احمد نواز جنهن جي قبضي ۾ شروع کان وٺي زمين هئي، جيڪا هن هاڻي پنهنجي پٽن جي نالي ڪرائي ڇڏي آهي. هن چيو ته مان جڏهن پنهنجي پيءُ جي ملڪيت مان حصو گهريو ته اهو مونتي ڏمرجي پنهنجي ساٿين منصور، سردار خان، شادي خان، عثمان خان، اشرف عرف پپو، غلام قادر، پوليس اهلڪار عباس جمالي سان گڏ منهنجي گهر ۾ گهڙي منهنجي معذور ڌي بلقيس ۽ مونکي سرڪار رائفل جا ڪنداق هڻي سخت زخمي ڪيو. هن چيو ته مان گذريل ڪيتري عرصي کان پنهنجو حق گهران ٿي ليڪن منهنجو نگهو پاءُ احمد نواز جمالي مونکي ۽ منهنجي اولاد کي موتمار ڌمڪيون ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته جيڪڏهن توهان زمين مان حصو گهريو ته توهان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائيندس. هن چيو ته منهنجو نگهو پاءُ احمد نواز جمالي هڪ ظالم شخص آهي ۽ ان جا خطرناڪ ڌوهارين سان واسطا آهن جن مان اسان کي جان جو خطرو آهي. هن مطالبو ڪيو ته مونکي پنهنجي نگهي پاءُ احمد نواز جمالي کان والد جي ملڪيت مان حصو ورتائي ڏنو وڃي. مونکي ۽ منهنجي اولاد کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 03

جروار وسيم جروار سائين غلام جروار اي ايس آءِ مظفر علي جروار اي ايس آءِ انور علي جروار خادم حسين جروار سڪندر جروار سرائي حاتم جروار ڪامريڊ اعجاز احمد جروار روشن جروار شاهد علي جروار نصرالله جروار ارشد جروار ياسين جروار سيد انور علي شاهه استاد غلام رسول شيخ رشيد جروار مير نواب خان جروار فقير قاسم جروار ڪوٽڙي ڪبير مان روشن علي جروار اوشاق احمد جروار رياض جروار ۽ پڻ شامل قافلي ۾ شامل آهن جيڪي برادري ۾ صلح ڪرائڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري پيا آهن حافظ جميل احمد ،طالب جروار، مير نواب خان جروار پنهنجي بيان ۾ چيو ته معمولي ڳالهه تان برادريون وڙهڻ پيون اسان الله جي رضا لاءِ خير جي ڪم ۾ نڪري پيا آهيون انشاءَ الله ڪاميابي ماڻبي متن مائٽن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪئي هلنداسين.

بقايا سنڌيار 04

حڪومت توڙي سنڌ حڪومت طرفان ٻوڏ متاثرين ماڻهن کي ڪو رليف نه ڏنو ويو آهي ۽ اجا هٿرادو زرعي پاڻي بند ڪري سنڌ جو معاشي قتل عام ڪيو پيو وڃي وارهه ۾ زرعي پاڻي وقت تي نه پهچڻ سبب هن سال به فصل نه ٿي سگهندا اگر اهڙي صورتحال رهي ته بندامني اجا به وڌي سگهي ٿي تعلقه پريس ڪلب وارهه طرفان زرعي پاڻي نه پهچڻ جي حوالي سان هاري آبادگار سياسي سماجي ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ مير شبير بروهي واپاري دڪاندار ٽرانسپورٽ اتحاد اڳواڻ محمد پنهل عباسي، سماجي ورڪر انسانيت سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن باني نياز حيدري، نياز علي چنو ۽ ٻين چيو ته گذريل سال ٻوڏ سبب ماڻهن جا تيار ٿيل فصل ختم ٿي ويا ان ڪان اڳ پاڻي نه پهچڻ سبب به فصل نه ٿي سگهيا هئا هن سال به هٿرادو زرعي پاڻي بند ڪري عوام جو معاشي قتل عام ڪيو ٿو وڃي هن چيو ته درياهه جي ڪاپي سائيٽ اسان جو پاڻي وڪرو ڪيو پيو وڃي هتي جي ماڻهن جي معيشت زراعت تي مشتمل آهي اگر پاڻي نه آيو ته ماڻهون فاڪ ڪشي ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويندا بدامني اجا به وڌي ويندي هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي معيشت مڪمل زراعت تي مشتمل آهي پر افسوس جو اسان جي حڪومت زراعت تي ڪو به توجه نه پئي ڏئي جنهن سبب اسان جون آباد زمينون بنجر بڻجي ويون آهن هتي ايريگيشن آفيسون ويران لڳيون پيون آهن ايريگيشن عملو مڪمل ناڪام ٿي چڪو آهي هن مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته شاخن ڪئنالن تي رينجرز مقرر ڪري پاڻي جي چوري بند ڪري پاڻي جي مئنيجمينٽ بهتر ڪري وارهه تعلقي کي پاڻي ڏئي عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ۽ اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 05

پير شمس دين ۽ ٻين زندگي جا قيمتي سال درس ۽ تدريس کي ڏنا ۽ هزارين ڪارائتا شهري پيدا ڪيا آهن انهن کي سلام پيش ڪجي ٿو ۽ ميول نائچ، عابد علي شاهه ، رمضان سولنگي ، علي اڪبر سميت جن استادن کي بي ايس ٽي مان ايچ ايس ٽي جو پروموشن مليو آهي انهن کي گهرجي ته وڌيڪ محنت ڪن ان موقعي تي ملوڪ مستوئي ، سبب علي شاهه ، طفيل جوٽيجو، ارشد عباسي ، بخشل ڏونڙو ، سهراب خانزادو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته استاد جي ڪري دنيا ۾ تيزي سان ترقي ٿي رهي آهي ۽ ترقي يافته ملڪن ۾ استاد جي عزت سيني ڪان وڌيڪ ٿيندي آهي اسان وٽ استاد ڪان پڙهائي سان گڏ آدمشماري ، اليڪشن پراسيس ،سميت پيا ڪم ورتا وڃن ٿا جنهنڪري شاگردن جي تعليم متاثر ٿيندي آهي هن چيو ته اسڪولن ۾ پيئڻ جو پاڻي ناهي فرنيچر ناهي ، بيت الخلاء سميت بنيادي سهوليتون ناهن ۽ ڪيترائي اسڪول ته زبون حالت ۾ آهن جڏهن ته هن آجياڻي تقريب ۾ رٽائرڊ ۽ پروموٽ ٿيندڙ استادن ۽ مهمانن کي اجرڪن جا تحفا ڏنا ويا ۽ پنڊال ۾ ضلعي صدر سميت آيل مهمانن مٿان گل پاشي شاندار استقبال ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 06

ڪري اڪثر خوني حادثا معمول بڻيل آهن جڏهن ته ٺٽو ۽ مڪلي باءِ پاس جي صرف هڪ چوڪ تي ٽريفڪ پوليس پوسٽ قائم آهي جنهن تي موجود عملدران جو ڪم صرف اوورلوڊ ٽرڪس کان ڀتا اوڳاڙي آهي اڪثر ٽريفڪ اهلڪار چوڪي مان صرف انهي وقت ٻاهر نڪرن ٿا جڏهن انهن کي ڪا هيوي لوڊ ٽرڪ سامهون ايندي نظر اچي ٿي گذريل ڏينهن پڻ مڪلي ٺٽو باءِ پاس تي هڪ اڻٽنڊڙ واقعو پيش آيو جتي تيز رفتار ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل سوار وچ ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي 2 ڄڻا فوت ويا ٻڌايو پيو وڃي ته مڪلي بائي پاس وٽ تيز رفتار ٽرڪ موٽرسائيڪل سوار کي ٽڪر هڻي ڪيو ۽ ٽڪر جي نتيجي ۾ ٽرڪ ڊرائيور جي ڪنٽرول ڪان ٻاهر نڪري کاهي ۾ ڪري پئي. جنهن جي نتيجي ۾ ٽرڪ ڊرائيور ۽ موٽرسائيڪل سوار ڏڪي تي فوت ٿي ويا. ٽرڪ ڊرائيور جي سڃاڻپ هدايت الله ڪوسو طور ٿي آهي. جڏهن ته نوجوان جي سڃاڻپ بابر عارف عباسي طور ٿي آهي جنهن جو تعلق گهارو شهر سان ٻڌايو پيو وڃي ۽ اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته فوتي نوجوان پاڪستان جي پيرا ملٽري فورس رينجرز جو ملازم هو انهي موقعي تي موجود ماڻهن بنهي لاشن کي ڪٺائي سول اسپتال ٺٽو پهچايو. جتان ضروري ڪاروائي بعد ٽرڪ ڊرائيور جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 07

نعمان خليل، ميجر احسن، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو وقار احمد ڪلوڙ ،ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شير محمد نهڙيو ڊي اي او سيڪنڊري ٺٽو ملاح، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر امتياز علي پٽو، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي. اي ڊي سي ون نجيب الرحمان جمالي چيو ته طوفان کان اڳ حفاظتي اپاءَ وٺڻ ۾ سڀ کان پهرين ماڻهن جي جانيون بچائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن انهي کان پوءِ انهن جي چوپائي مال ۽ ٻين قيمتي سامان جي حفاظت لاءِ پڻ ضروري قدم کنيا وڃن هن چيو ته انهي سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي. هن چيو ته طوفان سان گڏ تيز برسات جي پڻ اڳڪٿي وئي آهي انهي سلسلي ۾ اربن فلڊ کي روڪڻ لاءِ برساتي نالن جي صفائي انتهائي ضروري آهي انهي سان گڏ برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ هيوي مشنيري جي ضرورت پوندي ان جو پڻ بندوبست ڪيو وڃي. هن چيو ته طوفان سبب سمنڊ جي چاڙهه وڌي ويندي جنهن ڪري ايل بي او ڊي تي پاڻي جو دباءُ رهندو ان صورت ۾ بند ٽٽڻ جو وڏو خطرو موجود آهي تنهنڪري ايل بي او ڊي جي ويجهو ڳوٺاڻا محفوظ جاين تي اچي وڃن هن چيو ته ضلعي انتظاميا طوفان ۽ تيز برسات کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪانٽيجينسي پلان تيار ڪري ورتو آهي هن چيو ته انهي سلسلي ۾ اڳوات ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪري چڪا آهيون جنهن جا فون نمبر 0297920020 ۽ 0297920013 آهن ڪنهن به هنگامي صورتحال يا لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ رابطو ڪري سگهجي ٿو. گڏجاڻي ۾ موجود ليفٽيننٽ ڪرنل نعمان خليل چيو ته ماڻهن جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ پاڪ فوج هر وقت تيار آهي هن مشڪل وقت ۾ ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن سان گڏ آهيون ضلعي انتظاميا سان هرممڪن سهڪار ڪيو ويندو طوفان اچڻ جي صورت ۾ ٻيڙيون تيار آهن ۽ صحت کاتي سان گڏجي پاڪ آرمي پڻ ميڊيڪل ڪيمپون لڳائيندي

بقايا سنڌيار 08

بينظيرآباد ۾ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته سنڌس واهر ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 09

مڙهي گهران ڪڍي ڇڏيو. ناري ميران شر ٻارڙن ۽ پاءُ سميت سرحد پريس ڪلب پهچي تحفظ جي اپيل ڪندي چيو آهي ته مڙس عبداللطيف شر ماکي بي گناهه ڪارنهن جو الزام ڏئي گهران ڪڍي ڇڏيو آهي ناري روئندي رهي ۽ مڙس عبداللطيف شر کي پٽيون ۽ پاراتا ڏيندي رهي. ناري جو وڌيڪ چوڻ هو ته ماکي خدشو آهي ته مڙس ماکي ڪنهن به وقت ماري ڇڏيندو ايس ايس پي گهوٽڪي تنوير تنيو کان تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ٻي طرف الزام هيٺ آيل ناري جي پاءُ اختيار ۽ عبدالستار شر جو چوڻ هو ته اسان جي ڀيڻ کي عبداللطيف شر نا حق ڪارنهن جو الزام ڏئي ڇڏيو آهي سرحد پوليس اسان کي تحفظ فراهم ڪري.

بقايا سنڌيار 10

کهڙي پاسي تي ڳالهائي کهڙي پاسي تي ڳالهائجي اڳوٽي صدر بار ڪائونسل عبدالرحيم عباسي چيو مهنجو استاد هو هن مان ڏاڍو پرايو ڪا ڳالهه پڇڻي هوندي هئي مان عبدالسلام ڪان پڇندو هيس هو خيرپور لاڪاليج ۾ استاد هيو دلير بهادر انسان هو ان موقعي تي اشفاق تگر ڳالهائيندي چيو ته عبدالسلام جهڙا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا جس لهن سنڌس پائر ۽ پٽ جيڪي پنهنجي وڏي کي ياد ڪن پيا تعلقي بار مورو جي صدر امين الدين خاصخيلي جنرل سيڪريٽري قادر بخش ڪورائي ڪنڊيارو بار جو صدر مليرخان مگريو جنرل سيڪريٽري اله ورايو ڪلو پريا بار جو اڳوٽو صدر عبدالڪريم ايڪٽنگ صدر صفدر اڄڻ غلام سرور مري محرابپور بار جو صدر غلام محي الدين جت ايڪٽنگ جنرل سيڪريٽري سيد عدنان شاهه شهيد عبدالسلام لهرائي وڪيلن لاءِ چيرچانو هو وڪيل برادريءَ جي هر مسئلي تي آواز اٿاريندو سنڌس کهڙيون ڳالهيو هرائجن هڪ وڪيل کي جج صاحب هٿ ڪڙيو هڻايون هن انتي جج صاحب کي مخاطب ٿيندي چيو ته وڪيل کي هٿڪڙيو فورن کولرايو مان اها ڳالهه برداشت نه ڪندس سلام آ سنڌس جرئت ۽ همٿ کي ان موقعي تي سنڌس پاءُ عبدالستارلهرائي چيو اسان کي بابا سائين غوث بخش لهرائي جي تربيت ڏنل آهي ته هڪ سچ تي هلجو غريب ۽ بي پهچ ماڻهو جو ساٿ ڏکيئي وقت ۾ نه ڇڏجو اسان جو پاءُ شهيد عبدالسلام به سنڌس نقشي قدم تي هلي پنهنجو تالو روشن ڪيو اسان به انهن جي ڇڏيل مشين کي پائي تڪميل تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪيون پيو مولا پاڪ جي مدد سان هر ماڻهو جي تڪليف ۽ ڏک ۾ ان جو ساٿ ڏيندا آهيون ۽ جيسين سيني ۾ دم آهي حق سچ جي راهه تان نه هٽنداسين ۽ وڏن جي راهه تي هلندا رهنداسين

بقايا سنڌيار 11

علاج ڪرڻ سان گڏ ڪين مفت دوائون ڏيڻ سميت نيو مسلم خاندانن جي ٻارڙن جا طهر سنت پڻ ڪيا ويا. ان موقعي تي نيو مسلم خاندانن جي سربراهه محمد علي شيخ چيو ته اسان سيني خدمتگارن جا ٿورائتا آهيون. جن پلتي پيل علائقن جي مستحق، غريب خاندانن کي صحت جون مفت سهولتون مهيا ڪري بيمار ماڻهن جو مفت علاج ڪري ڪين دوائون ڏيئي غريبن جون دعائون حاصل ڪيون آهن.

بقايا سنڌيار 12

ڪابه قابل ذڪر ڳالهه ناهي، غربت، مهانگائي، بيروزگاري جي ڪري غريب عوام خودڪشيون ڪري رهيا آهن. ملڪ بدترين معاشي حالتن ۾ گهيرل آهي. تجارتي سرگرميون مڪمل ٺپ ٿي ويون آهن. بجلي، گئس جي قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافي ۽ کاڌي خوراڪ جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. 200 ارب جي اضافي ٽئڪسن 460 ارب جي خساري جي بجيٽ سان واپارين ۽ عوام جي لاءِ وڌيڪ مشڪلاتون پيدا ٿينديون. حڪومت فوري طور تي پيش ڪيل بجيٽ تي نظر ثاني ڪري ملڪ مان غربت، مهانگائي، بيروزگاري جي خاتمي ۽ ننڍن واپارين کي ريليف فراهم ڪرڻ جي لاءِ قدم کڻي. اهڙن خيالن جو اظهار هن تاجر سيڪريٽريٽ گولڊ سينٽر صرافه بازار ۾ سڪر اسمال ٽريڊرز جي منعقد ڪيل اجلاس کي خطاب جي دوران ڪيو. اجلاس ۾ حاجي غلام شبير پٽو، حاجي عبدالستار راجپوت، عبدالقادر شيواڻي، رئيس قريشي، شڪيل قريشي، حافظ محمد شريف ڏاڏا، بابو فاروقي، محمد منير ميمڻ، محمد ڪاشف شمسي، عبدالباري انصاري، مختيار شامي، طارق علي ميراڻي، سليم مالا، محبوب صديقي، جاويد ميمڻ، سيد محمد شاهه، شعيب ميمڻ، اياز علي اپڙو، ذاڪر خان، احسان ٻنڌاڻي، اعظم خان، ڊاڪٽر سعيد اعواڻ، امداد جهنڊير، محمد سجادعامر ، فخر الدين عباسي، صداقت خان ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن جو چوڻ هو ته حڪومت رڳو 10 سيڪڙو ماڻهن جي لاءِ بجيٽ پيش ڪري 90 سيڪڙو ماڻهن جي لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪري ڇڏيون آهن. اڄ غريب ماڻهو اٽي، چانور، دال، کنڊ، گهي، سميت ٻين کاڌي پيتي جون شيون حاصل ڪرڻ لاءِ پريشان نظر اچي ٿو حڪومت پيش ڪيل بجيٽ ۾ عوام کي کاڌي خوراڪ جي شين جي سستي اگهن تي فراهمي، غربت، مهانگائي، بيروزگاري جي خاتمي ۽ ننڍن واپارين کي ريليف فراهم ڪري تجارتي سرگرمين کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ ڪي به قدم ناهن کنيا. صدر وزير اعظم پنهنجي قومي، آئيني ۽ جمهوري ذميواري کي پورو ڪندي بجيٽ کي غريبن ۽ عوامي امنگن جي مطابق بهتر ترتيب ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪن جنهن ۾ غريبن جي لاءِ خصوصي پيڪيج، مهانگائي ۽ بيروزگاري جي خاتمي جي لاءِ پاليسيون، تعليم ۽ صحت جي بهتري جي لاءِ ترجيحي. ڪاروبار کي فروغ ۽ غريب ۽ ننڍن واپارين جي مشڪلاتن جي خاتمي جي لاءِ قدمن کڻن جنهن سان انهن جون معاشي مشڪلاتون گهٽ ٿي سگهن.

بقايا سنڌيار 13

ڪئي وئي آهي. هن ساحلي علائقن جي ماهيگيرن کي هدايت ڪئي آهي ته هو ساموندي طوفان عربي سمنڊ کان گذري وڃڻ تائين کليل سمنڊ ۾ وڃڻ کان پاسو ڪن هن چيو ته ان حوالي سان اسان اين ڊي ايم اي ۽ پي ڊي ايم اي جي ذريعن کان به معلومات گڏ ڪري رهيا آهيون. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪيٽي بندر، گاڙهو، جوهو ۽ ٻين ساحلي علائقن جي هنگامي دوري دوران ڳالهائيندي ڪيس ڊپٽي ڪمشنر حفاظتي بندن، سمنڊ جي پاڻي جي وهڪري ۽ هوائن جي صورتحال جو جائزو پڻ ورتو. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر، مختيارڪار ڪيٽي بندر، آبپاشي، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن سميت مقامي معززين پڻ موجود هئا. ڊپٽي ڪمشنر سمورن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو سمنڊ جي حفاظتي بندن جي نگراني، گهربل مشينري ۽ ضروري سامان جي موجودگي سميت سمورن انتظامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ الرٽ رهن. بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر غلام فاروق سومرو ڪيٽي بندر ۾ پاڪستان ميري ٽائمز، ڪوسٽ گارڊز، روينيو، پوليس، ڊرينيج، آبپاشي، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن سميت مقامي ڪائونسلن چيئرمين ۽ علائقي جي معززين سان ملاقات پڻ ڪئي. ان موقعي تي هن ڪين هدايت ڪئي ته سمورا ادارا گڏجي ڪم ڪليل سمنڊ ۾ موجود ماهيگيرن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ۽ مهاڻن کي کليل سمنڊ ۾ وڃڻ کان روڪيو وڃي ته جيئن ڪنهن به اڻٽڙندڙ صورتحال کان بچي سگهجي. ان موقعي تي سمورن لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن ۽ معززين ڊپٽي ڪمشنر کي ٻڌايو ته سمنڊ ۾ مڇي مارڻ لاءِ ويل ڪيترن ئي ماهيگيرن کي ٻيڙين ۽ هوڙن سميت محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ان حوالي سان وڌيڪ ڪارروايون پڻ جاري آهن. ياد رهي ته پاڪستان موسميات کاتي (پي ايم ڊي) طرفان جاري ڪيل موسميات واري ايڊوائزري موجب ساموندي طوفان "بائپر جوائي" رخ تبديل ڪرڻ کانپوءِ اتر اوڀر طرف وڌي رهيو آهي. طوفان ساحلي علائقن ڏانهن وڌي سگهي ٿو.

بقايا سنڌيار 14

جي نوجوان اسماعيل جتوئي کي جوابدارن کهاڙين جا وار ڪري قتل ڪرڻ بعد لاش ٽنڊو ۾ اڇلائي ڇڏيو هو. مقتول نوجوان اسماعيل جتوئي جو لاش رات دير سان تعلقي اسپتال سجاول مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو. لاش گهر پهچڻ تي گهرام مچي ويو لاش ٽيل حالت ۾ هجڻ ڪري ڪيس رات دير سان ئي ڳوٺ مراد جتوئي جي ميون هاشم شاهه قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. جڏهن ته واقعي جو ڪيس اڃان تائين داخل ٿي نه سگهيو آهي. ان سلسلي ۾ وارثن جو چوڻ آهي، ته اساڃي نوجوان اسماعيل جتوئي کي پڻس جي ڏيتي ليتي تان وڏي بيدردي سان قتل ڪيو ويو آهي. اسان سان انصاف ڪيو وڃي. هوڏانهن پوليس موجب جيئن وارث پهچندا ڪيس داخل ڪنداسين. پوليس قتل جي الزام هيٺ پڻ جوابدارن سڪندر گاهو ۽ ڪيمچند عرف ڪيملو گهراڻي کي گرفتار ڪري ورتو آهي. جڏهن ته ٽيئي جوابدار جي ڳولا جاري آهي.

بقايا سنڌيار 15

ڊسڪيشن ڪيو فوڪس گروپ ڊسڪيشن ۾ خانداني منصوبه سازيءَ جي طريقن. ترليد صحت، سماجي معاشي روين. تعليم جي اهميت ۽ خانداني منصوبه سازيءَ تي ڳالهه ٻولهه ٿي. ناري فائونڊيشن جي چيئرپرسن افشان اصغر ۽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر انور علي مهر گڏجاڻي بعد چيو ته شرڪت گاهه ۽ ناري فائونڊيشن ڪافي سالن کان عورتن جي صحت ۽ خاص ڪري خانداني منصوبه سازيءَ تي ڪميونٽي جي مردن ۽ عورتن سان شعور آگاهي سيشن منعقد ڪرائيندا رهندا آهن ته جيئن عام ڳوٺاڻن کي معلومات ملي سگهي. ڊسڪيشن ۾ فاطمه، شفيق، حميرا، محمد هشم سرروري، عبدالوحيد مهر، رجب خاصخيلي ۽ فرحان علي شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 16

جي رهواسي بيواهه عورت مسمات نجمه بي بي پنهنجي پٽ زيد ۽ معصوم ڌي مناهل سان گڏ پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪندي ڏانهيون آهي ته منهنجو مڙس پنج سال اڳ فوت ٿي ويو جڏهن ته منهنجي مڙس جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ منهنجي مڙس جي ملڪيت تي منهنجو سهرو قبضو ڪري ويٺل آهي. هن چيو ته ملڪيت ۾ هڪ ڪارخانو ۽ 58 ايڪڙ زمين آهي ۽ جڏهن زمين مان مون حصو گهريو ته منهنجو سهرو ملڪ ڏمرجي پيو ۽ اڄ صبح منهنجي 21 ورهين جي پٽ زين ملڪ جيڪو تاج ڪالوني ڦاٽڪ وٽ دوڪان تي ويٺل هو ان کي پوليس هٿان گرفتار ڪرائي گم ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته مان شهر کي سيني ٿاڻن تي ڳولا ڪئي آهي ليڪن پوليس منهنجي پٽ کي ظاهر نٿي ڪري. هن چيو ته مونکي خدشو آهي ته پوليس منهنجي پٽ کي ڪوڙي مقابلي ۾ ماري ڇڏيندي. هن مطالبو ڪيو ته منهنجي پٽ کي جلد کان جلد ظاهر ڪري ان کي آزاد ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 17

ڪامياب ٿيا 2 واردن تي پ پ جا ڪائونسلر ڪامياب ٿيا جنهن بعد 7 مخصوص سيٽن مان 6 جي ڊي اي حاصل ڪيون هڪ سيٽ پ پ جي حوالي ٿي جنهن بعد جي ڊي اي ڪائونسلرن جو انگ 9 ٿي ويو پ پ جي ڪائونسلر جو 3 ٿي ويو هوڏانهن فنڪشنل مسلم ليگ جي ضلعي صدر ۽ جي ڊي اي ڪنوينر دستگير راڄڙ پاران ڪلڙو ٽائون ڪاميٽي جي چيئرمين لاءِ وارڊ نمبر 5 تي ڪامياب ٿيل ڪائونسلر نياز حسين جوٽيجو ۽ وائيس چيئرمين لاءِ وارڊ نمبر 4 جي ڪائونسلر غلام رضا خاصخيلي کي ٽڪيٽ جاري ڪئي وئي آهي هوڏانهن اليڪشن ڪميشن پاران مقرر ڪلڙو ٽائون ڪاميٽي جي ريٽرننگ آفيسر وٽ پ پ جي پليٽ فارم تان 2 شهرين چيئرمين لاءِ عامر علي ملڪ ۽ وائيس چيئرمين لاءِ هندو واپاري گل واڌيو جي ڊي اي پاران نياز حسين جوٽيجو چيئرمين ۽ غلام رضا خاصخيلي وائيس چيئرمين تي فارم جمع ڪرايا جڏهن ته جي ڊي اي جي 2 ڪائونسلرن رحيم بخش ماري چيئرمين ۽ دانش رحمان ملڪ وائيس چيئرمين لاءِ آزاد حثيت ۾ فارم جمع ڪرايا آهن

بقايا سنڌيار 18

ڇڏي. هزارين ماهيگير مڇي جي شڪار لاءِ سمنڊ ۾ ويل سندن زندگيون داءِ تي لڳي ويون. موسميات کاتي جي الرٽ جاري ٿيڻ ڪان پوءِ ٺٽي سجاول ۽ بدين جي ساموندي پٽي وارن شهرن ۾ سخت خوف واري لهر ڦهلجي وئي آهي. الرٽ جاري ٿيڻ جي باوجود لوڪل گورنمينٽ توڙي سنڌ حڪومت طوفان کان بچائڻ لاءِ ماهيگيرن توڙي آبادين لاءِ ڪي به حفاظتي اپاءُ نه ڪيا ۽ نه ئي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪي تياريون ڪيون ويون آهن. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته طوفان (بپرجوئي) جيڪو هن وقت ڪراچي کان 11 سئو ڪلوميٽر پري سينٽرل عربي سمنڊ ۾ موجود آهي. ان جي رفتار آهستي آهستي اتر اولهه طرف وڌي رهي آهي. اهو طوفان هن وقت 4 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان اڳتي ايندو پيو وڃي. طوفان جي چوڌاري هلندڙ هوائن جي رفتار 150 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته ساموندي طوفان وقتن بوقتن پنهنجو رخ تبديل ڪندو پيو وڃي. موسميات جا ماهر طوفان جي حوالي سان پڌتر جو شڪار ٿي ويا آهن. موسميات جا ڪجهه ماهر طوفان جو رخ اومان طرف ڏيکاري رهيا آهن ته ٻيا ماهر وري طوفان جو رخ پاڪستان ۽ انڊيا جي گجرات طرف ٿيندي ڏسي رهيا آهن. بهرحال 24 کان 48 ڪلاڪن اندر طوفان ڪيڏانهن ٿو رخ ڪري صورتحال ڪليئر ٿي ويندي. جيڪڏهن طوفان آيو ته پاڪستان ۽ انڊيا جا ساحلي علائقا ۽ ساموندي طوفان سبب پري مونسون برساتون ٿي سگهن ٿيون. جنهن جو اثر پاڪستان جي ساحلي علائقن ۾ وڌيڪ ٿي سگهي ٿو.

بقايا سنڌيار 19

اڳواڻي ۾ پريس ڪلب ڪنڌڪوٽ آڏو سخت نعريبازي ڪئي وئي انهي موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي SBT اڳواڻن چيو ته هٿ سان ضلعي جو امن خراب ڪيو ويو آهي هتي ٻار عورتون پوڙها ۽ محفوظ نه آهن معصوم عظيم ميٺڪ ۽ واجب گولو ڪيترن ئي ڏينهن کان ڏاڙيلن وٽ قيد آهن .سنگرار جي معصوم پريا ڪماري 2 سالن کان گم آهي معصوم ڪوثر ۽ نازيا ڪوسو ۽ سندن ٻارڙو اڃان تائين گم آهن . اسين سنڌ حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون ته فوري طور ضلعي جو امن بحال ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 20

ڪانوٽ ٿاڻي جي حد حبيب الله موڙ وٽ ٽرانسپورٽ جي ٿالهي ۾ قائم ڀتي خوري آفيس ٻيهر کلي وئي ايس ايس پي جامشورو جي حڪم تي 2 ڏينهن اڳ ڀتا سينٽر ٻيهر کلي ويو ڪوٽلو ڪلي ايندڙ سوين ٽرڪن کان زبردستي 1000 روپيا اوڳاڙيا شروع ڪئي وئي ملڪي ليول جي ٽرانسپورٽر کي حبيب الله موڙ آفيس وٽ بيهاري مارڪيٽ پڻ ڪئي وئي ٽرڪن کي زبردستي بيهاري اوڳاڙي واري عمل تي سوشل ميڊيا ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر ڇانئيل آهي مقامي بااثرن پوليس ۽ سگهاري شخصيتن جي ملي ڀڳت سان قائم ڀتي خوري جو سينٽر بند ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو سوشل ميڊيا ايڪٽوسٽ ۽ ايس يو پي جي ٽڪيٽ تي ڪامياب ٿيندڙ يوسي انڙپور جي ڪائونسلر دلاور علي ڪوسو بختيار علي ڪوسو ۽ ٻين آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو غيرقانوني ڀتو بند ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 21

۽ ٻين جي مان ۾ آجپائو ڏنو ويو جنهن ۾ علائقي واسين ۽ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مارواڙي برادري پاران مقامي پ پ اڳواڻ جي شڪريه ادائي ڪئي وئي ان موقعي تي چيف احمد علي ملڪ جو چوڻ هو ته سرحد اسانجو پنهنجو شهر آهي جنهن جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو

بقايا سنڌيار 22

ڪيو وڃي اهڙو اظهار سول اسپتال گولاڙچي جي ڊاڪٽر احمد ڪٽي بدين پريس ڪلب اڳيان برادري سميت احتجاجي مظاهرو ڪرڻ کان پوءِ پرهجوم پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو هن چيو ته هو 5 جون تي رٽائر ٿيو آهي هن 10 سال گولاڙچي جي عوام جي خدمت ڪئي آهي ۽ ڪڏهن ڪا شڪايت نه رهي جڏهن رٽائر ٿيڻ جي ٻي ڏينهن 6 جون تي گولاڙچي جي بليڪ ميلر ٽولي ڪيس بدين شهر مان سرعام اغوا ڪيو جو بدين ۽ گولاڙچي پوليس ڪيس بازياب ڪرائي ڌوهارين کي گرفتار ڪري مٿن اغوا جو ڪيس داخل ڪيو آهي جنهن تان هٿ ڪڻائڻ لاءِ انهن پنهنجي پاءُ بهاري احمد خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي ۽ هاڻ مون کي ۽ خاندان کي جان سان مارڻ ۽ اغوا ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ۽ سوشل ميڊيا تي منهنجي خلاف ڪريل مهم هلائي پئي وڃي هن آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي بدين کي اپيل ڪئي ته ڪيس اغوا ڪندڙ ڌوهاري ڪيس خاندان سميت قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ڪيس ڌوهارين کان انصاف ۽ تحفظ ڏيارايو وڃي

بقايا سنڌيار 23

تي ڏاڙو هڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. جماعت اسلامي کي مليل واضح اڪثريت پ پ کان هضم نه پئي ٿئي.سچي سنڌ جي شهرن کي ڪنبر بڻائيندڙ حڪمران جماعت نه ٿي چاهي ته ڪراچي ترقي ڪري.چيو ته ڪراچي ترقي ڪندي ته هن جي خانداني سياست جو خاتمو اچي ويندو ۽ اهي اثر ڳوٺن تائين پهچجندا ته جماعت اسلامي شهرن ۽ ڳوٺن جي ترقي ڏياري سگهي ٿي.جنهن جا تاريخ ۾ ڪيئي مثال موجود آهن.هن وڌيڪ چيو ته اسان پڌائڻ ٿا چاهيون ته پ پ جي قيادت حڪومتي مشينري استعمال ڪري ڪراچي ۾ عوامي مينڊيٽ جي خلاف سازشون بند ڪري ٻي صورت ۾ جماعت اسلامي جي پليٽ فارم تان باشعور عوام هنن ڪرپٽ حڪمرانن جو گهيرو تنگ ڪندي ۽ ڀرپور احتجاجي تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 24

هلائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي . سنڌ عوامي فورم جي مرڪزي صدر حبيب جتوئي ، ڊاڪٽر انور حاجاٽو، ڊاڪٽر امرشي ناڪر، ڊاڪٽر حسن لغاري ، قومپرست عوامي اتحاد جي جاويد هاليپوٽو، منور سومرو ، صوفي حامد ۽ ٻين ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سچي سنڌ پوتارن وڏيرن جي جاگيردارانا نظام جي ڪري ڏاڙيلن حوالي ٿيل آهي . سنڌ جي مختلف علائقن مان معصوم ٻارڙن کي اغوا ڪري جنسي ڏاڍ جو نشانو بڻائي پنگ نه ملڻ تي قتل ڪرڻ جون وارداتون هائي تيزي سان وڌي رهيون آهن. 10 معصوم ٻارڙا سنڌ جي اندر اغوا ڪانپوءِ پنگ نه ملڻ جي ڪري لاپتا ٿيل آهن . ڪنڌڪوٽ مان معصوم نينگر عظيم ميٿڪ ، سڪر مان معصوم نينگري پريا ڪماري ، خيرپور مان جعفر پٽو ، جيڪب آباد مان نويد لاشاري ، ڪوثر زاهد ويسر ۽ پيا اغوا ڪرڻ کانپوءِ لاپتا ڪيا ويا آهن. ٽنڊو محمد خان جي ديني مدرسي ۾ 12 ورهين جي فيضان پليجو کي بدمست وحشي مولوي صدام حسين جت جي جنسي زيادتي جو نشانو بڻائي پوتارن جي دباءُ ۾ اچي ڪيس داخل نه ٿيڻ ۽ راڄوٽي ناهه ڪرڻ تي متاثر ڌر کي مجبور ڪرڻ . ٽنڊو الهيار ۾ معصوم نينگر نريش ڀيل کي زيادتي جو نشانو بڻائي قتل ڪرڻ ۽ ملوث جوابدارن پوليس گرفتار نه ڪرڻ . چمبر ۾ معصوم نينگري رويند ميگهواڙ کي اغوا ڪرڻ جي وارداتون سميت سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر ۽ علائقي جي اندر معصوم ٻارڙن سان ٿيندڙ زيادتين جي خلاف سنڌ عوامي فورم ڪراچي کان ڪشمور تائين تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪندي پهرين مرحلي ۾ 18 جون تي صبح 11هين وڳي حيدرآباد جي حيدر چوڪ کان احتجاجي جلوس ڪڍي هزارين ماڻهن جي احتجاج ڪرڻ کانپوءِ 23 جون تي وري صبح 11هين وڳي ٽنڊو محمد خان جي شهيد هوشو چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي جلوس ڪڍڻ جو شيڊول ڪانپوءِ وري سنڌ جي ٻين شهرن ۾ مرحليوار ضلعي سطح تي جلوس ڪڍي مظاهرا ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي ۾ چيف منسٽر هائوس آڏو ڀرپور احتجاج جو فيصلو ڪيو آهي جنهن ڪانپوءِ معصوم ٻارڙن جي اغوا ۽ زيادتين تي حڪمرانن ڪو به توجه نه ڏنو ته سنڌ ۾ ڀرپور احتجاج جي بعد اسلام آباد جي ايوان آڏو احتجاج ڪيو ويندو . احتجاجي تحريڪ ۾ قومپرست عوامي اتحاد ڀرپور حمايت جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 25

اغوا ٿي ويل به ملازم ۽ PPفيضو لاڙو جي علائقي مان ٻن پائرن سميت 4 مغوين کي باحفاظت بازياب ڪرائڻ جي دعوي ڪئي آهي. علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي. ياد رهي ته ٻن پائرن عبدالرحيم جعفري ۽ ابراهيم جعفري کي 21 مئي 2023ع ۽ ڪشمور ضلعي جي ڪرمپور ٿاڻي جي حد گرڊ اسٽيشن جي سيڪيو ملازم جميل احمد ٻرڙو ۽ خانڪي ملازم آصف آرائين کي 25 مئي 2023ع تي ڏاڙيل هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ويا هئا. ايس ايس پي شڪارپور امجد احمد شيخ جي هدايتن تي عمل ڪندي ASPسٽي/خانپور سيد فاضل شاهه بخاري، CIAپاسبان انسپيڪٽر اياز احمد ڪيڙو، اسپيشل ٽيم انچارج محمد عثمان پنهور، SHOناپرڪوٽ، SHO استورٽ گنج ۽ SHOرستم مغوين جي بازيابي لا گذريل 20 ڏينهن کان ناپرڪوٽ جي ڪچي گڙهي تيغو جي علائقي ۾ پوليس آپريشن جي دوران 4 مغوين کي باحفاظت بازياب ڪرائي ورتو آهي. آپريشن دوران پوليس ۽ ڏاڙيلن جي وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. ڏاڙيلن رات جي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا. پوليس يرغمال بڻيل چئن مغوين کي بازياب ڪرائي ورتو يرغمال بڻيل مغوين ۾ 2 پائر عبدالرحيم جعفري، ابراهيم جعفري ۽ ڪشمور ضلعي جي ڪرمپور ٿاڻي جي حد گريڊ اسٽيشن جو سيڪيو ملازم جميل احمد ٻرڙو ۽ خانڪي ملازم آصف آرائين شامل آهن.

بقايا سنڌيار 26

اسپتال آندو ويو جتي زخمي جي سڃاڻپ ڳوٺ ساجن مگريو واسي علي بخش مگريو طور ٿي تعلقه اسپتال مان طبي امداد بعد زخمي کي حسوا ايمبولينس ذريعي نواب شاهه ريفر ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 27

هنن سکر پريس ڪلب ۾ علماءِ و مشائخ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو مذهبي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ٻاهرين ايجنڊا تحت قومي سلامتي ادارن خلاف پروپيگنڊا ڪري ملڪ ۾ انتشار کي ڦهلائڻ جي ناڪام سازش ڪئي وئي سيڪيورٽي ادارن جي سربراهن کي اپيل ٿا ڪريون ته ملوث ڪردارن کي واڳ ڪيو وڃي ملڪ جي مذهبي اڳواڻن سميت سياستدان ۽ پاڪ فوج سان گڏ آهن اڳواڻن چيو ته ملڪ مان مذهبي نفرتن واري سياست جو خاتمو ڪرڻ ضروري آهي اسان جي پياري نبي صلي الله عليه وسلم اهلبيت ۽ اصحاب رسول الله جي شان ۾ ڪو به مسلمان گستاخي برداشت نه ڪري سگهندو اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سمورين سياسي ۽ مذهبي جماعتن جا اڳواڻ گڏجي ڳالهين ذريعي مسئلن جو حل تلاش ڪن عدم برداشت واري رجحان جي خاتمي لاءِ ڪردار ادا ڪيو وڃي جڏهن ته اعلي سياسي ۽ مذهبي قيادت امن ۽ استحڪام لاءِ اتحاد وارو رستو اختيار ڪن مذهبي اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته مذهبي عالمن کي ذميواري جو مظاهرو ڪندي نوجوانن جي صحي ذهن سازي ڪن ته جيئن معاشري مان سماجي برائين جو خاتمو اچي سگهي هن چيو ته ملڪ جي سيڪورٽي ادارن سان يڪجهتي ڪرڻ ضروري آهي ان موقعي شاهد صديقي فيصل مغل خطيب الله شيخ عبدالوهاب چنه ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 28

ڪرائي جنهن تي اڄ پريس ڪلب صحافين اڳيان عبدالرزاق لاشاري، سيد جاني شاهه، ڊاڪٽر ذوالفقارعلي سومرو، روشن جروار، ادريس سهتو، ساجد علي جروار، غلام اصغر هليو، عطا حسين سهتو، عجب لاشاري، ديدار عامر عرفان سهتو تاج محمد رند، خادم حسين لاشاري، سيد ذيشان علي شاهه، ظفر علي سومرو، تنوير سولنگي ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ احتجاج ڪيو ويو جنهن ۾ سياسي سماجي ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاج ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار سومرو ٻڌايو ته جيڪڏهن 3 ڏينهن ۾ پوليس منهنجي ڦرتيل روڪ رقم واپس نه ڪرايو ته ضلعي نوشهرو فيروز جون سيئي اسپتالون بند ڪيون ويندون ۽ ڊسپنسرين اسپتالون نه ڪرلينداسين جيستائين منهنجو ڦر ٿيل روڪ رقم واپس نه ڪرائي ويندي آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين وس وارن کان واقعي جو نوٽيس وٺي ڦرتيل رقم واپس ڏيارين

بقايا سنڌيار 29

پيتا ڏئي ويئي، ٽنڊو محمد خان ۾ علم و ادب اڪيڊمي پاران سنڌ ۾ ڏکئي دور جي سهائتا جو اعزاز حاصل ڪندڙ راهه منزل جي ڊائريڪٽر ميڊم مهوش خان ۽ شهباز ملڪ جي اعزاز ۾ رچايل رهاڻ واري تقريب کي سنڌ جي ٽاليواري تاريخدان ليکڪ حڪيم محمد يوسف ڪتري صدارتي خطاب ۾ چيو ته دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ انسانيت جي خدمت فطرت لاءِ بهترين اجر جو مثال آهي، راهه منزل جي ميڊم مهوش خان ۽ شهباز ملڪ پنهنجي اداري کي انسانيت جي خدمت جو ٽالو ڏيئي سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ اعزاز حاصل ڪيو آهي، جنهن درجي کي پيتا ڏيڻ لاءِ اسان ڪين خراج تحسين پيش ڪريون ٿا، تقريب کي علم و ادب اڪيڊمي جي سرپرست سيد فتح علي شاهه شمسي مخاطب ٿيندي چيو ته جنهن انسان ۾ انسانيت جو جذبو نه ٿئي ٿو اهو انسان زنده هجڻ بجاءِ پنهنجي حياتياتي عمل ۾ زندگي کان الڳ ٿي وڃي ٿو، راهه منزل جي اداري کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ميڊم مهوش خان ۽ شهباز ملڪ جيڪو عملي طور انسانيت جي خدمت جو جذبو رکيو آهي جنهن تي ڪين اعزاز لاءِ علم و ادب اڪيڊمي رهاڻ رچائڻ سان گڏ ڪين خراج تحسين سان پيتا ڏيئي ڪين انسان دوست هجڻ جو لقب ڏنو آهي، تقريب کي سنڌ جي جاکوڙي ڪردار ميڊم مهوش خان مخاطب ٿيندي چيو ته مون کي پنهنجي سنڌ تي فخر آهي ته مون پنهنجي سنڌ ۽ پاڪستان ۾ انسانيت جي خدمت ۾ پاڻ کي مشغول رکيو آهي، جيڪي به آفتون ۽ تباهيون آيون آهن ان ۾ سنڌ جي ايوچ غريب مسڪين ماڻهو پاڻ کي لاچار بيوس سمجهي تمام گهڻي مايوسي جي زندگي گذاري آهي جنهن جو مڪمل علاج نه اسان وٽ ممڪن ٿي نظر نٿو اچي پر اسان پنهنجي وس آهر سندن غمن کي خوشين ۾ تبديل ڪيو آهي، رهاڻ واري تقريب کي جاکوڙي ڪردار شهباز ملڪ مخاطب ٿيندي چيو ته جنهن انسان کي پنهنجي وطن سان محبت نه هوندي آهي ان کي انسانيت جو ڪو به قدر نه هوندو آهي ، اسان پنهنجي ڌرتي سنڌ ۽ پاڪستان کي پنهنجو محور بڻائي هر ڏکئي دور ۾ انسانيت جي خدمت واري جذبي سان هر محاذ تي عملي جدوجهد جو عزم رکون ٿا ، رهاڻ واري تقريب کي اسسٽنٽ مختيارڪار قاضي توقير، شفقت نظاماڻي، صدام پلي ، عبدالحفيظ سٽيو، جانب سومرو ، علم و ادب اڪيڊمي جي صدر نثار احمد ناز ، ليڊيز ونگ جي اڳواڻ حنا زهره ، نجمه ملاح ، غلام محمد چلگري ، عبدالغفور ڪُنيار، علي نواز پٽو، سيد ممتاز شاهه، سيد محمد عثمان شاهه ، سيد فراز شاهه بخاري، شينا ملاح ، گل تڪڙائي ، عمران علي اوڊيجو ، شاهزيب نثار سمون ، ماجدعلي مهيري ۽ ٻين انسانيت جو جذبو رکندڙ ميڊم مهوش ۽ شهباز ملڪ کي انسان دوست تصور جي اعزاز سان خراج تحسين پيش ڪئي ، رهاڻ واري تقريب ۾ ڪين ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا ، تقريب جي آخر ۾ ٽاليواري راڳين جانب علي بلاولي ، استاد خدابخش ڪچي ، ايمان فاطمه ڪچي راڳ رنگ جي محفل ۾ پنهنجا سُرچيڙي داد حاصل ڪيو.

بقايا سنڌيار 30

تائين احتجاجي ريلي ڪڍي جماعت اسلامي بدين جي ضلعي جي امير سيد علي مردان شا جي اڳوائي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي خطاب ڪندي جماعت اسلامي جي ضلعي امير سيد علي مردان شا چيو ته جيڪڏهن حڪومت ڪراچي ميئرشپ جي چونڊن ۾ غير جمهوري رستو اختيار ڪيو ته ڪراچي ۾ نتيجا بهتر نه ٿيندا. جماعت اسلامي جي قيادت ئي ڪراچي کي بحران مان ڪڍي سگهي ٿي خراب ٿيل صورتحال کي بهتر بڻايو ويندو ڪراچي جو بهترين علائقو سنڌ سميت سڄي پاڪستان لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو وان ڪري سنڌ حڪومت کي هن مرحلي تي پنهنجو غير جمهوري رويو ختم ڪرڻ گهرجي هن علي مردان شا وڌيڪ چيو ته ڪراچي جي عوام جماعت اسلامي تي اعتماد ڪيو آهي جماعت اسلامي کي سڀ کان وڌيڪ ووٽ مليا آهن چونڊيل نمائندن ڀرپور حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي حافظ نعيم الرحمان ڪراچي جي عوام جو آواز بڻجي چڪو آهي جيڪڏهن حڪومت ڪراچي جي ميئرشپ جي چوراڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان جا نتيجا خطرناڪ نڪرندا ۽ عوام جو نقصان ٿيندو ۽ عوام جو ووٽنگ جي عمل تان ويساهه کڄي ويندو ان موقعي تي الله بچايو هالپوٽو، فتح خان ڪوسو ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 31

ادا ڪئي وئي، جنهن جي مڙهه کي بعد ۾ اباڻي قبرستان نشون ديرو لڳ پهمڻ جي مقام ۾ تدفين ڪئي وئي ،جنازا نماز ۾ سياسي سماجي،مذهبي ،ادبي صحافي هر مڪتب فڪر جي ماڻهن شرڪت ڪئي هوڏانهن تڏي تي ويهڻ نشون ديرو جي سينيئر صحافي،سينيئر شاهه محمود پتو گهڙي خدا بخش پتو جو وڏو منشي مقصود علي پتو ،ذميندار سجاد حسين چنا،حڪيم محمد اياز چنا،وزير علي عرف ڪاوش چنا ،ببلو عرف امتياز ،نديم چنا سان تعزيت ڪئي ۽ ٻين شهرن وڏي انگ ۾ تعزيت ڪئي .هوڏانهن وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

بقايا سنڌيار 32

واسي گرپانگ کي 2 لک روپين عيوض وڪرو ڪري ڇڏيو جنهن تي اسان گهران ڪاروڙي پڇي شهزاد پٽ خميسو خاصخيلي ۽ هادي بخش سان شادي ڪري ڇڏي آهي جيڪي ڪوٽ غلام محمد جا رهواسي آهن جنهن بعد اسان جا ماييت جان ويري ٿي پيا آهن هنن پريس ڪانفرنس ڪندي وس وارن کان اپيل ڪيي ته اسانکي تحفظ ڏنو وڃي ته جيئن اسان پنهنجي زندگي سک سان گذاري سگهون

بقايا سنڌيار 33

ڪوٽايو ويو ڪٽڙ لڳ ڳوٺ پڊو بروهي ۾ سنڌ بروهي اتحاد جي اڳوائن جي مان ۾ گڏجاڻي ٿي گذري خبر موجب ڪٽڙ لڳ سنڌ بروهي اتحاد جي اڳوائن جي مان ۾ پڊو بروهي ۾ گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ بروهي برادري جي معززين رهواسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊويزن حيدرآباد جي نائب صدر عمران بروهي ضلع حيدرآباد صدر علي اڪبر بروهي ضلع حيدرآباد جنرل سيڪيٽري امير بخش بروهي ضلع نائب صدر محمد سليم بروهي ضلع حيدرآباد نائب صدر نصير بروهي حيدرآباد رورل صدر حاجي علي اڪبر بروهي حيدرآباد رورل جنرل سيڪيٽري گلشير بروهي ۽ ٻين شرڪت ڪئي اڳوائن جي پهچڻ تي ڳوٺائن سندن شاندار استقبال جڏهن ته ڳوٺ جي معززين پاران سنڌ بروهي اتحاد جي اڳوائن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا پيش ڪري ڪيي ان موقعي تي ڳوٺائن جو چوڻ هو ته تمام خوشي ٿي آهي ته اڄ اسان بروهي برادري جو هڪ زبردست اتحاد قائم ٿيل آهي جنهن سان برادري جي مسئلا حل ٿيندا ان موقعي تي سنڌ بروهي اتحاد جي اڳوائن چيو ته سنڌ بروهي اتحاد ٺاهڻ جو مقصد آهي برادري ڪکي منظم ڪري سندن مسئلا حل ڪجن ۽ بروهي برادري هڪ امن پسند برادري آهي انهن چيو ته اسان هر وقت هر موقعي تي بروهي برادري سان سان گڏ آهيون

بقايا سنڌيار 34

پٽڻ اڪبر شاهه ، علي نواز شاهه ، دلاور شاهه ، بچو شاهه ۽ ٻين تي اين سي داخل ڪرائي آهي ، جنهن ۾ سٽي ٿاڻي آڏو ۽ ولڪ نواز شاهنواز سومرو ۽ ٻين فنڪارن احتجاج ڪندي حملي آورن جي فوري طور گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي ۽ وياج جي ڪاروبار ڪندڙ اسماعيل شاهه کي گرفتار ڪري وياج جو ڪاروبار علائقي مان بند ڪرڻ لاءِ پڻ اپيل ڪئي آهي ، جڏهن ته ٽالپر ڪالوني جي رهواسي اسماعيل شاهه سٽي ٿاڻي تي ولڪ نواز شاهنواز سومرو جي خلاف اين سي داخل ڪرائي آهي الزام لڳايو آهي ته شاهنواز سومرو ۽ ٻين اسان تي حملي جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اسان جا ادهار طور ورتل رقم ساڍا 4 لک واپس نه ڏيڻ لاءِ الزام تراشي شروع ڪئي آهي ، جنهن جي پڻ جانچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 35

هن سال به نواب شاهه جي دي سٽي اسڪول ڪيمپس ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مهمان خاص ڊي آئي جي پوليس شهيد بينظيرآباد محمد يونس چانڊيو شرڪت ڪئي ان موقعي تي تقريب جي شروعات معصوم جهڙي گلڙن ٽيبلوز پيش ڪري ڪيو ان موقعي تي پوزيشن ماڻيندڙ شاگرد ۽ شاگرديائين کي پنهنجن والدين سان گڏ اسٽيج تي گهرائي آيل مهمان ڊي آئي جي پوليس محمد يونس چانڊيو .اسڪول جي پرنسپل ظفرالله چانڊيو شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ان موقعي مهمان خاص محمد يونس چانڊيو تقريب سان خطاب ڪندي چيو ته اڄ هن تقريب ۾ شرڪت ڪري تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ۽ تعليم سان گڏ ٻارڙن جي حوصلا افزائي ڪرڻ واريون اهڙي قسم جون تقريبون ٿيڻ سان والدين کي پڻ فخر محسوس ٿئي ٿو سالانه گريجوئيشن رنگا رنگ تقريب ۾ آيل مهمان خاص ڊي آئي جي پوليس شهيد بينظيرآباد محمد يونس چانڊيو کي دي سٽي اسڪول نواب شاهه ڪيمپس جي پرنسپل ظفرالله چانڊيو سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ اعزازي شيلڊ ڏني. جڏهن ته والدين ٻاران پنهنجي ٻارڙن جي اسٽيج تي پرفارمنس ڏسي تمام خوشي ۽ فخر محسوس ڪندي چيو ته هن اسڪول جي پڙهائي ۽ ماحول تمام بهترين آهي ۽ هن اسڪول جي شروعات ڪان ئي پڙهائي سان گڏ ٻارڙن کي اعلي تعليم سان گڏ بهترين ماحول ڏيڻ اولين ترجيح آهي.

بقايا سنڌيار 36

خان جي 112 ايڪڙ زمين هئي جيڪا منهنجي ڏاڏي محمد عثمان جمالي طرفان حصي ۾ مليل هئي. هن چيو ته منهنجي پيءُ جون به شاديون ٿيل هيون. ان جي ٻي گهرواري جو پٽ احمد نواز جنهن جي قبضي ۾ شروع کان وٺي زمين هئي، جيڪا هن هاڻي پنهنجي پٽن جي نالي ڪرائي ڇڏي آهي. هن چيو ته مان جڏهن پنهنجي پيءُ جي ملڪيت مان حصو گهريو ته اهو مونتي ڏمرجي پنهنجي ساٿين منصور، سردار خان، شادي خان، عثمان خان، اشرف عرف پپو، غلام قادر، پوليس اهلڪار عباس جمالي سان گڏ منهنجي گهر ۾ گهڙي منهنجي معذور ڌي بلقيس ۽ مونکي سرڪار رائفل جا ڪنداق هڻي سخت زخمي ڪيو. هن چيو ته مان گذريل ڪيتري عرصي کان پنهنجو حق گهران ٿي ليڪن منهنجو نگهو پاءُ احمد نواز جمالي مونکي ۽ منهنجي اولاد کي موتمار ڌمڪيون ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته جيڪڏهن توهان زمين مان حصو گهريو ته توهان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائيندس. هن چيو ته منهنجو نگهو پاءُ احمد نواز جمالي هڪ ظالم شخص آهي ۽ ان جا خطرناڪ ڌوهارين سان واسطا آهن جن مان اسان کي جان جو خطرو آهي. هن مطالبو ڪيو ته مونکي پنهنجي نگهي پاءُ احمد نواز جمالي کان والد جي ملڪيت مان حصو ورتائي ڏنو وڃي. مونکي ۽ منهنجي اولاد کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 37

حڪومت توڙي سنڌ حڪومت طرفان ٻوڏ متاثرين ماڻهن کي ڪو رليف نه ڏنو ويو آهي ۽ اجا هٿرادو زرعي پاڻي بند ڪري سنڌ جو معاشي قتل عام ڪيو پيو وڃي وارهه ۾ زرعي پاڻي وقت تي نه پهچڻ سبب هن سال به فصل نه ٿي سگهندا اگر اهڙي صورتحال رهي ته بندامني اجا به وڌي سگهي ٿي تعلقه پريس ڪلب وارهه طرفان زرعي پاڻي نه پهچڻ جي حوالي سان هاري آبادگار سياسي سماجي ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ مير شبير بروهي واپاري دڪاندار ٽرانسپورٽ اتحاد اڳواڻ محمد پنهل عباسي، سماجي ورڪر انسانيت سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن باني نياز حيدري، نياز علي چنو ۽ ٻين چيو ته گذريل سال ٻوڏ سبب ماڻهن جا تيار ٿيل فصل ختم ٿي ويا ان ڪان اڳ پاڻي نه پهچڻ سبب به فصل نه ٿي سگهيا هئا هن سال به هٿرادو زرعي پاڻي بند ڪري عوام جو معاشي قتل عام ڪيو ٿو وڃي هن چيو ته درياهه جي ڪاپي سائيٽ اسان جو پاڻي وڪرو ڪيو پيو وڃي هتي جي ماڻهن جي معيشت زراعت تي مشتمل آهي اگر پاڻي نه آيو ته ماڻهون فاڪ ڪشي ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويندا بدامني اجا به وڌي ويندي هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي معيشت مڪمل زراعت تي مشتمل آهي پر افسوس جو اسان جي حڪومت زراعت تي ڪو به توجه نه پئي ڏئي جنهن سبب اسان جون آباد زمينون بنجر بڻجي ويون آهن هتي ايريگيشن آفيسون ويران لڳيون پيون آهن ايريگيشن عملو مڪمل ناڪام ٿي چڪو آهي هن مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته شاخن ڪئنالن تي رينجرز مقرر ڪري پاڻي جي چوري بند ڪري پاڻي جي مئنيجمينٽ بهتر ڪري وارهه تعلقي کي پاڻي ڏئي عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ۽ اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 38

پير شمس دين ۽ ٻين زندگي جا قيمتي سال درس ۽ تدريس کي ڏنا ۽ هزارين ڪارائتا شهري پيدا ڪيا آهن انهن کي سلام پيش ڪجي ٿو ۽ ميول نائچ، عابد علي شاهه ، رمضان سولنگي ، علي اڪبر سميت جن استادن کي بي ايس ٽي مان ايچ ايس ٽي جو پروموشن مليو آهي انهن کي گهرجي ته وڌيڪ محنت ڪن ان موقعي تي ملوڪ مستوئي ، سبب علي شاهه ، طفيل جوٽيجو، ارشد عباسي ، بخشل ڏونڙو ، سهراب خانزادو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته استاد جي ڪري دنيا ۾ تيزي سان ترقي ٿي رهي آهي ۽ ترقي يافته ملڪن ۾ استاد جي عزت سيني ڪان وڌيڪ ٿيندي آهي اسان وٽ استاد ڪان پڙهائي سان گڏ آدمشماري ، اليڪشن پراسيس ،سميت پيا ڪم ورتا وڃن ٿا جنهنڪري شاگردن جي تعليم متاثر ٿيندي آهي هن چيو ته اسڪولن ۾ پيئڻ جو پاڻي ناهي فرنيچر ناهي ، بيت الخلاء سميت بنيادي سهوليتون ناهن ۽ ڪيترائي اسڪول ته زبون حالت ۾ آهن جڏهن ته هن آجياڻي تقريب ۾ رٽائرڊ ۽ پروموٽ ٿيندڙ استادن ۽ مهمانن کي اجرڪن جا تحفا ڏنا ويا ۽ پنڊال ۾ ضلعي صدر سميت آيل مهمانن مٿان گل پاشي شاندار استقبال ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 39

ڪري اڪثر خوني حادثا معمول بڻيل آهن جڏهن ته ٺٽو ۽ مڪلي باءِ پاس جي صرف هڪ چوڪ تي ٽريفڪ پوليس پوسٽ قائم آهي جنهن تي موجود عملدران جو ڪم صرف اوورلوڊ ٽرڪس کان ڀتا اوڳاڙي آهي اڪثر ٽريفڪ اهلڪار چوڪي مان صرف انهي وقت ٻاهر نڪرن ٿا جڏهن انهن کي ڪا هيوي لوڊ ٽرڪ سامهون ايندي نظر اچي ٿي گذريل ڏينهن پڻ مڪلي ٺٽو باءِ پاس تي هڪ اڻٽنڊڙ واقعو پيش آيو جتي تيز رفتار ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل سوار وچ ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي 2 ڄڻا فوت ويا ٻڌايو پيو وڃي ته مڪلي بائي پاس وٽ تيز رفتار ٽرڪ موٽرسائيڪل سوار کي ٽڪر هڻي ڪيو ۽ ٽڪر جي نتيجي ۾ ٽرڪ ڊرائيور جي ڪنٽرول ڪان ٻاهر نڪري کاهي ۾ ڪري پئي. جنهن جي نتيجي ۾ ٽرڪ ڊرائيور ۽ موٽرسائيڪل سوار ڏڪي تي فوت ٿي ويا. ٽرڪ ڊرائيور جي سڃاڻپ هدايت الله ڪوسو طور ٿي آهي. جڏهن ته نوجوان جي سڃاڻپ بابر عارف عباسي طور ٿي آهي جنهن جو تعلق گهارو شهر سان ٻڌايو پيو وڃي ۽ اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته فوتي نوجوان پاڪستان جي پيرا ملٽري فورس رينجرز جو ملازم هو انهي موقعي تي موجود ماڻهن بنهي لاشن کي ڪٺائي سول اسپتال ٺٽو پهچايو. جتان ضروري ڪاروائي بعد ٽرڪ ڊرائيور جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 40

نعمان خليل، ميجر احسن، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو وقار احمد ڪلوڙ ،ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شير محمد نهڙيو ڊي اي او سيڪنڊري ٺٽو ملاح، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر امتياز علي پٽو، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي. اي ڊي سي ون نجيب الرحمان جمالي چيو ته طوفان کان اڳ حفاظتي اپاءَ وٺڻ ۾ سڀ کان پهرين ماڻهن جي جانيون بچائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن انهي کان پوءِ انهن جي چوپائي مال ۽ ٻين قيمتي سامان جي حفاظت لاءِ پڻ ضروري قدم کنيا وڃن هن چيو ته انهي سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي. هن چيو ته طوفان سان گڏ تيز برسات جي پڻ اڳڪٿي وئي آهي انهي سلسلي ۾ اربن فلڊ کي روڪڻ لاءِ برساتي نالن جي صفائي انتهائي ضروري آهي انهي سان گڏ برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ هيوي مشنيري جي ضرورت پوندي ان جو پڻ بندوبست ڪيو وڃي. هن چيو ته طوفان سبب سمنڊ جي چاڙهه وڌي ويندي جنهن ڪري ايل بي او ڊي تي پاڻي جو دباءُ رهندو ان صورت ۾ بند ٽٽڻ جو وڏو خطرو موجود آهي تنهنڪري ايل بي او ڊي جي ويجهو ڳوٺاڻا محفوظ جاين تي اچي وڃن هن چيو ته ضلعي انتظاميا طوفان ۽ تيز برسات کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪانٽيجينسي پلان تيار ڪري ورتو آهي هن چيو ته انهي سلسلي ۾ اڳوات ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪري چڪا آهيون جنهن جا فون نمبر 0297920020 ۽ 0297920013 آهن ڪنهن به هنگامي صورتحال يا لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ رابطو ڪري سگهجي ٿو. گڏجاڻي ۾ موجود ليفٽيننٽ ڪرنل نعمان خليل چيو ته ماڻهن جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ پاڪ فوج هر وقت تيار آهي هن مشڪل وقت ۾ ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن سان گڏ آهيون ضلعي انتظاميا سان هرممڪن سهڪار ڪيو ويندو طوفان اچڻ جي صورت ۾ ٻيڙيون تيار آهن ۽ صحت کاتي سان گڏجي پاڪ آرمي پڻ ميڊيڪل ڪيمپون لڳائيندي

بقايا سنڌيار 41

ڪئي وئي آهي. هن ساحلي علائقن جي ماهيگيرن کي هدايت ڪئي آهي ته هو ساموندي طوفان عربي سمنڊ کان گذري وڃڻ تائين کليل سمنڊ ۾ وڃڻ کان پاسو ڪن هن چيو ته ان حوالي سان اسان اين ڊي ايم اي ۽ پي ڊي ايم اي جي ذريعن کان به معلومات گڏ ڪري رهيا آهيون. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪيٽي بندر، گاڙهو، جوهو ۽ ٻين ساحلي علائقن جي هنگامي دوري دوران ڳالهائيندي ڪيس ڊپٽي ڪمشنر حفاظتي بندن، سمنڊ جي پاڻي جي وهڪري ۽ هوائن جي صورتحال جو جائزو پڻ ورتو. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر، مختيارڪار ڪيٽي بندر، آبپاشي، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن سميت مقامي معززين پڻ موجود هئا. ڊپٽي ڪمشنر سمورن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو سمنڊ جي حفاظتي بندن جي نگراني، گهربل مشينري ۽ ضروري سامان جي موجودگي سميت سمورن انتظامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ الرٽ رهن. بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر غلام فاروق سومرو ڪيٽي بندر ۾ پاڪستان ميري ٽائمز، ڪوسٽ گارڊز، روينيو، پوليس، ڊرينيج، آبپاشي، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن سميت مقامي ڪائونسلن چيئرمين ۽ علائقي جي معززين سان ملاقات پڻ ڪئي. ان موقعي تي هن ڪين هدايت ڪئي ته سمورا ادارا گڏجي ڪم ڪليل سمنڊ ۾ موجود ماهيگيرن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ۽ مهاڻن کي کليل سمنڊ ۾ وڃڻ کان روڪيو وڃي ته جيئن ڪنهن به اڻٽڙندڙ صورتحال کان بچي سگهجي. ان موقعي تي سمورن لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن ۽ معززين ڊپٽي ڪمشنر کي ٻڌايو ته سمنڊ ۾ مڇي مارڻ لاءِ ويل ڪيترن ئي ماهيگيرن کي ٻيڙين ۽ هوڙن سميت محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ان حوالي سان وڌيڪ ڪارروايون پڻ جاري آهن. ياد رهي ته پاڪستان موسميات کاتي (پي ايم ڊي) طرفان جاري ڪيل موسميات واري ايڊوائزري موجب ساموندي طوفان "بائپر جوائي" رخ تبديل ڪرڻ کانپوءِ اتر اوڀر طرف وڌي رهيو آهي. طوفان ساحلي علائقن ڏانهن وڌي سگهي ٿو.

بقايا سنڌيار 42

هلائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي . سنڌ عوامي فورم جي مرڪزي صدر حبيب جتوئي ، ڊاڪٽر انور حاجاٽو، ڊاڪٽر امرشي ناڪر، ڊاڪٽر حسن لغاري ، قومپرست عوامي اتحاد جي جاويد هاليپوٽو، منور سومرو ، صوفي حامد ۽ ٻين ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سچي سنڌ پوتارن وڏيرن جي جاگيردارانا نظام جي ڪري ڏاڙيلن حوالي ٿيل آهي . سنڌ جي مختلف علائقن مان معصوم ٻارڙن کي اغوا ڪري جنسي ڏاڍ جو نشانو بڻائي پنگ نه ملڻ تي قتل ڪرڻ جون وارداتون هائي تيزي سان وڌي رهيون آهن. 10 معصوم ٻارڙا سنڌ جي اندر اغوا ڪانپوءِ پنگ نه ملڻ جي ڪري لاپتا ٿيل آهن . ڪنڌڪوٽ مان معصوم نينگر عظيم ميٿڪ ، سڪر مان معصوم نينگري پريا ڪماري ، خيرپور مان جعفر پٽو ، جيڪب آباد مان نويد لاشاري ، ڪوثر زاهد ويسر ۽ پيا اغوا ڪرڻ کانپوءِ لاپتا ڪيا ويا آهن. ٽنڊو محمد خان جي ديني مدرسي ۾ 12 ورهين جي فيضان پليجو کي بدمست وحشي مولوي صدام حسين جت جي جنسي زيادتي جو نشانو بڻائي پوتارن جي دباءُ ۾ اچي ڪيس داخل نه ٿيڻ ۽ راڄوٽي ناهه ڪرڻ تي متاثر ڌر کي مجبور ڪرڻ . ٽنڊو الهيار ۾ معصوم نينگر نريش ڀيل کي زيادتي جو نشانو بڻائي قتل ڪرڻ ۽ ملوث جوابدارن پوليس گرفتار نه ڪرڻ . چمبر ۾ معصوم نينگري رويند ميگهواڙ کي اغوا ڪرڻ جي وارداتون سميت سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر ۽ علائقي جي اندر معصوم ٻارڙن سان ٿيندڙ زيادتين جي خلاف سنڌ عوامي فورم ڪراچي کان ڪشمور تائين تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪندي پهرين مرحلي ۾ 18 جون تي صبح 11هين وڳي حيدرآباد جي حيدر چوڪ کان احتجاجي جلوس ڪڍي هزارين ماڻهن جي احتجاج ڪرڻ کانپوءِ 23 جون تي وري صبح 11هين وڳي ٽنڊو محمد خان جي شهيد هوشو چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي جلوس ڪڍڻ جو شيڊول ڪانپوءِ وري سنڌ جي ٻين شهرن ۾ مرحليوار ضلعي سطح تي جلوس ڪڍي مظاهرا ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي ۾ چيف منسٽر هائوس آڏو ڀرپور احتجاج جو فيصلو ڪيو آهي جنهن ڪانپوءِ معصوم ٻارڙن جي اغوا ۽ زيادتين تي حڪمرانن ڪو به توجه نه ڏنو ته سنڌ ۾ ڀرپور احتجاج جي بعد اسلام آباد جي ايوان آڏو احتجاج ڪيو ويندو . احتجاجي تحريڪ ۾ قومپرست عوامي اتحاد ڀرپور حمايت جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 43

اغوا ٿي ويل به ملازم ۽ PPفيضو لاڙو جي علائقي مان ٻن پائرن سميت 4 مغوين کي باحفاظت بازياب ڪرائڻ جي دعوي ڪئي آهي. علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي. ياد رهي ته ٻن پائرن عبدالرحيم جعفري ۽ ابراهيم جعفري کي 21 مئي 2023ع ۽ ڪشمور ضلعي جي ڪرمپور ٿاڻي جي حد گرڊ اسٽيشن جي سيڪيو ملازم جميل احمد ٻرڙو ۽ خانڪي ملازم آصف آرائين کي 25 مئي 2023ع تي ڏاڙيل هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ويا هئا. ايس ايس پي شڪارپور امجد احمد شيخ جي هدايتن تي عمل ڪندي ASPسٽي/خانپور سيد فاضل شاهه بخاري، CIAپاسبان انسپيڪٽر اياز احمد ڪيڙو، اسپيشل ٽيم انچارج محمد عثمان پنهور، SHOناپرڪوٽ، SHO استورٽ گنج ۽ SHOرستم مغوين جي بازيابي لا گذريل 20 ڏينهن کان ناپرڪوٽ جي ڪچي گڙهي تيغو جي علائقي ۾ پوليس آپريشن جي دوران 4 مغوين کي باحفاظت بازياب ڪرائي ورتو آهي. آپريشن دوران پوليس ۽ ڏاڙيلن جي وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. ڏاڙيلن رات جي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا. پوليس يرغمال بڻيل چئن مغوين کي بازياب ڪرائي ورتو يرغمال بڻيل مغوين ۾ 2 پائر عبدالرحيم جعفري، ابراهيم جعفري ۽ ڪشمور ضلعي جي ڪرمپور ٿاڻي جي حد گريڊ اسٽيشن جو سيڪيو ملازم جميل احمد ٻرڙو ۽ خانڪي ملازم آصف آرائين شامل آهن.

بقايا سنڌيار 44

کهڙي پاسي تي ڳالهائي کهڙي پاسي تي ڳالهائجي اڳوٽي صدر بار ڪائونسل عبدالرحيم عباسي چيو مهنجو استاد هو هن مان ڏاڍو پرايو ڪا ڳالهه پڇڻي هوندي هئي مان عبدالسلام ڪان پڇندو هيس هو خيرپور لاڪاليج ۾ استاد هيو دلير بهادر انسان هو ان موقعي تي اشفاق تگر ڳالهائيندي چيو ته عبدالسلام جهڙا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا جس لهن سنڌس پائر ۽ پٽ جيڪي پنهنجي وڏي کي ياد ڪن پيا تعلقي بار مورو جي صدر امين الدين خاصخيلي جنرل سيڪريٽري قادر بخش ڪورائي ڪنڊيارو بار جو صدر مليرخان مگريو جنرل سيڪريٽري اله ورايو ڪلو پريا بار جو اڳوٽو صدر عبدالڪريم ايڪٽنگ صدر صفدر اڄڻ غلام سرور مري محرابپور بار جو صدر غلام محي الدين جت ايڪٽنگ جنرل سيڪريٽري سيد عدنان شاهه شهيد عبدالسلام لهرائي وڪيلن لاءِ چيرچانو هو وڪيل برادريءَ جي هر مسئلي تي آواز اٿاريندو سنڌس کهڙيون ڳالهيو هرائجن هڪ وڪيل کي جج صاحب هٿ ڪڙيو هڻايون هن انتي جج صاحب کي مخاطب ٿيندي چيو ته وڪيل کي هٿڪڙيو فورن کولرايو مان اها ڳالهه برداشت نه ڪندس سلام آ سنڌس جرئت ۽ همٿ کي ان موقعي تي سنڌس پاءُ عبدالستارلهرائي چيو اسان کي بابا سائين غوث بخش لهرائي جي تربيت ڏنل آهي ته هڪ سچ تي هلجو غريب ۽ بي پهچ ماڻهو جو ساٿ ڏکيئي وقت ۾ نه ڇڏجو اسان جو پاءُ شهيد عبدالسلام به سنڌس نقشي قدم تي هلي پنهنجو تالو روشن ڪيو اسان به انهن جي ڇڏيل مشين کي پائي تڪميل تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪيون پيو مولا پاڪ جي مدد سان هر ماڻهو جي تڪليف ۽ ڏک ۾ ان جو ساٿ ڏيندا آهيون ۽ جيسين سيني ۾ دم آهي حق سچ جي راهه تان نه هٽنداسين ۽ وڏن جي راهه تي هلندا رهنداسين

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ڪراچي Reg No 2677 ايڊيٽر اعجاز مهر Daily SINDHYAR Karachi NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com